شهري

شهري براءِ بهتر ماحول

جنوري کان جون 2021ع

شهري
CITIZENS FOR A BETTER ENVIRONMENT

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته شهريں جو هڪ ننڍڙو طبقو جيڪو شعور رکندو آهي اهو يقينن دنيا کي بدلي سگهي ٿو.
مارگريٽ ميڊ

سنڌ جي زرعي ايراضي لاءِ هڪڙو حقيقي خطرو

امبر علي پائي ۽ حوا فضل

سنڌ پنهنجي زرعي پيداوار جي لحاظ کان پاڪستان جو ٻيو سڀ کان وڏو صوبو آهي ان جي زرعي پيداوار ۾ ڪڻڪ، ڪپهه، چانور، ڪمند، فروٽ ۽ سبزي شامل آهي ان کان سواءِ مرچ، بصر ۽ کجور هن صوبي جا اصل فصل آهن.

انهيءَ باوجود هاڻي اهي سمورن فصلن لاءِ خطرو پيدا ٿي رهيو آهي، جنهن جو پهريون سبب غير معمولي طور تي آبادي جي واڌ ۾ اضافو آهي، جنهن لاءِ سموري پاڪستان ۾ 2 سيڪڙو سالياني جي تناسب سان رهائشي گهر تعمير ڪرڻ جي ضرورت آهي اهڙي غير معمولي طور تي ٽيندڙ آبادي واري واڌ جا اثر سنڌ تي پڻ پئجي رهيا آهن 2017ع جي آدم شماري مطابق سنڌ جي شهري آبادي ۾ 22 سيڪڙو ٽائين اضافو ٿيو آهي شهري ڦهلاءِ ۽ پهراڙي وارن علاقن کان وڏن شهرن ڏانهن وڏي پيماني تي لڏ پلاڻ جو به سنڌ ۾ مشاهدو ڪيو ويو آهي وڌا شهر ڪنهن منصوبه بندي ۽ مناسب انفراسٽرڪچر جي ترقي کان سواءِ پکڙجي رهيا آهن اهڙي غير منصوبه بندي واري لڏ پلاڻ جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ تعميراتي شعبي ۾ موجود باضابطه ۽ بي ضابطه ماٺهو ناجائز فائدو کڻندا رهيا آهن ۽ سنڌ جي زرعي ايراضي کي بند دروازن جي پويان خاموشي سان رهائشي ايراضي ۾ تبديل ڪرائي رهيا آهن، جاکاڻ ته ان حوالي سان زرعي ايراضي جي تبديلي جي خلاف حڪومت جي کابه واضع پاليسي موجود ناهي پهراڙي وارن علاقن کان شهرن ڏانهن لڏ پلاڻ جا ڪيترائي سبب آهن شهري سي بي اي لڏ پلاڻ جي هڪ اهڙي رجحان بابت تحقيق ڪري رهيو آهي، جنهن ڪري زرعي ايراضي کي هائوسنگ سوسائٽين ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي.

سنڌ زرعي پاليسي (جنهن کي 2016ع ۾ تيار ڪيو ويو هو ۽ 2018ع ۾ ان جو اعلان ڪيو ويو هو) کي 2030ع تائين منصوبه بند ڪيو ويو آهي. خيال هو ته ٻن سالن اندر ڪليدي پاليسين کي تيار ڪيو ويندو ان باوجود سنڌ زرعي پاليسي جي شق 2.4.1 جي مطابق اڃان تائين ڪنهن به قسم جي پاليسي کي آخري شڪل ناهي ڏني وئي. سنڌ زرعي پاليسي جي شق 2.4.1 ۾ واضع طور تي بيان ڪيو ويو آهي ته" پهراڙي انٽر پرائيز قائم ڪرڻ لاءِ ايراضي جي استعمال، ايراضي جي منتقلي ۽ ليز لاءِ طريقي ڪار کي سادو بٽايو وڃي." ان ۾ واضع طور تي ايراضي جي استعمال/زرعي ايراضي جي تبديلي بابت کابه نشاندهي ناهي ڪئي وئي سنڌ ۾" ديهه" ايراضي جو آفيسر شاهي علاقي جي عملداري جو هڪ يونٽ آهي.ديهه ۾ ايراضي کي ٻن وڏن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. پيداوار جي قابل ايراضي ۽ پيداوار جي ناقابل ايراضي. هتي ان بابت اندازو لڳائڻ ڏکيو ناهي ته ديهه جي ڪهڙي حصي ۾ ايراضي کي

اندر يان صفحا

امبر علي پائي جي خدمتن...	08
چو هر ڪوشش ناڪام ٿئي ٿي؟	09
سماجي تحفظ سيني لاءِ	11
صوبي سنڌ ۾ گٽيل آباد علاقن....	12
منهنجي سواري ڪنهن جي ذميواري	14
ڪراچي....جيڪو منهنجو خواب آهي	16
جنوري کان جون 2021ع -خبرن....	18
شهري- سي بي اي جي ڪتابن جو مختصر جائزو	23

تبديل ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته ان حوالي سان ڪنهن قسم جو ڪوبہ رڪارڊ موجود ناهي. ايسيتائين جو جيڪڏهن ناقابل پيداوار حصي کي تبديل ڪيو ويو ۽ قابل پيداوار ايراضي ويران ٿي وئي ته ان حوالي سان ڪوبہ پڇڙو وارو ناهي.

مولا بخش پيرزاده، حبيب الله مگسي ۽ محمد جاويد شيخ جي هڪڙي تحقيق ” ايراضي جي استعمال جو ٽڪراءُ ۽ شهري پکيڙ -2019“ جي مطابق حيدرآباد ۾ تقريبن 16800 ايڪڙ زرعي ايراضي کي شهري ايراضي ۾ تبديل ڪيو ويو آهي.

شهري - سي بي اي پاران مسئلي جي شدت جو ڪاٽو لڳائڻ لاءِ هڪ مقامي انگريزي اخبار ۾ 2019ع کان 2021ع تائين شايع ٿيندڙ ايراضي جي استعمال ۾ تبدلي جي سمورن سرڪاري اعلانن/ اشتهارن کي گوليو ويو انهن سرڪاري اشتهارن مطابق سراسري علاقا تقريبن 1000 ايڪڙ آهن ڪيتري زرعي ايراضي کي ناجائز طور تي تبديل ڪرايو ويو آهي، اهڙي سوال جو جواب ب ملندو.

سنڌ اسيمبلي جي ميمبر ۽ زميندار شهر يار خان مهر چوي ٿو ته” زرعي ايراضي هاڻي زرخيز ناهي رهي، هاڻي اسان کي ان مان ويهہ، پنجويهہ سال اڳ جيتري پيداوار حاصل نہ ٿي ٿئي، اسان في ايڪڙ پيداوار جي وڪري مان وڌ ۾ وڌ ٽيهہ کان چاليهہ هزار رپيا ساليانو آمدني حاصل ڪري سگهون ٿا.

شهر يار خان مهر وضاحت ڪئي ته” ڇاڪاڻ ته زمين جي قيمتن ۾ هڪ کان ٻہ ڪروڙ رپيا في ايڪڙ تائين اضافو ٿي چڪو آهي، ان ڪري ننڍن ٽوڙي وڏن سمورن آبادگارن ۽ زميندارن کي پنهنجي زمين وڪري ڪرڻ بابت ترغيب ملي رهي آهي.“

زراعت کي فائدي مند بڻائڻ جي لاءِ حڪومت پاران متعارف ڪرايل سمورين اسڪيمن ۾ سياسي بنيادن تحت ايراضي کي الاٽ ڪيو ويو آهي، مخالف ڌر جي اسيمبلي ميمبرن کي گهٽو نظر انداز ڪيو ويو آهي مخالف ڌر جي ميمبر زميندارن خلاف پاڻي کي هڪ هٿيار طور استعمال ڪيو پيو وڃي ۽ ننڍن آبادگارن کي بلڪل ب پاڻي نہ ٿو ملي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته آبادگارن وٽ ان کان سواءِ ٻيو ڪو رستو ئي نہ ٿو بچي ته اهي پنهنجون زمينون سٽن اڳهن تي وڪرو ڪن.

غير اثرائتيون حڪومتي پاليسيون

شهري - سي بي اي جي جنرل سيڪريٽري امبر علي پائي جو چوڻ آهي ته ”خوراڪ جي پيداوار ۾ گهٽتائي باوجود حڪومت انهيءَ مسئلي کي حل ڪرڻ ۾ سنجيدہ ناهي“ ان بدران ته ايراضي کي تبديلي جي حوصلا افزائي ڪري رهي آهي، ان جي ڪارنامو سموري صوبي لاءِ ”سنڌ ڪٽيل آبادي ترقيات بورڊ ايڪٽ 2010“ جي قانون جي منظوري آهي جنهن تحت سنڌ جي شهرن ۾ ڪٽيل آباد علاقن جو اعلان ڪيو ويو آهي، جتي اڳ ئي بنيادي شهري سهولتون ۽ انفراسٽرڪچر جي کوٽ آهي. اهڙي قانون ايراضي جي تبديلي ۽ منافعي کي پرڪشش بڻائي ڇڏيو آهي، جنهن سان مخصوص بلڊرز ۽ ايراضي جي مالڪن کي انفرادي طور تي فائدو پهچي رهيو آهي.

ايراضي جي قانون ۾ موجود مسئلن بابت آرڪيٽيڪچر اينڊ مئنيجمينٽ فيڪلٽي جي ڊين ڊاڪٽر نعمان احمد جو چوڻ آهي ته” ايراضي جي تبديلي جو قانون هڪ صوبائي قانون آهي ۽ ايراضي جي استعمال کي تبديل ڪرڻ جا سمورا اختيار مقامي حڪومت جي دائري ۾ اچن ٿا. مقامي حڪومت انهيءَ کي پنهنجي ترقياتي ادارن وسيلي پڻ استعمال ڪري سگهي ٿي ادارن جي اختيارن تي اعتراض ڪرڻ وارا امڪان بلڪل گهٽ آهن. مثال طور لياري ڊيولپمينٽ اٿارٽي ۽ ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي ڪراچي جي ڀهراڙي جي چوڌاري وڏي پيماني تي زرعي ايراضي کي شهري ايراضي ۾ تبديل ڪري چڪا آهن.“ جيڪڏهن فوري طور تي مثبت قدم نہ کنيا ويا ته بنيادي خوراڪ جا ٽيلها وڌيڪ مهانگا ٿيندا وڌندڙ شهري ٽريفڪ جي دونهين سان فضا ۾ ڪاربن جا اثر وڌي ويندا، جنهن جا منفي اثر زرعي ايراضي جي زرخيزي تي پوندا، جنهن جي نتيجي ۾ زرعي جنسن جون قيمتون وڌي ويندين ۽ اسان کي خوراڪ جي مد ۾ زيادهہ مالي خرچ برداشت ڪرڻا پوندا ۽ ملڪ جي سراسري داخلي پيداوار خطرناڪ حد تائين تباهہ ٿي ويندي.

شهري

R-88، بلاڪ 2، پي اِي سي ايچ ايس، ڪراچي 75400، پاڪستان

ٽيليفون/فيڪس: 46 06 53 34 21-92+

E-mail: info@shehri.org
Url: www.shehri.org

ادارتي مشاورت: شهري-سي بي اي ٽيم
ادارتي اسسٽنٽ: حوا فضل

انتظامي ڪميٽي:

چيئرپرسن: سمير حامد دودهي
وائس چيئرمين: سليقہ انور
جنرل سيڪريٽري: امبر علي پائي
خزانچي: عامر جاويد
ميمبر: دانش آذر زوبي، محمد علي رشيد ۽ انجينئر پرويز صادق

باني ميمبر:

مسٽر خالد ندوي، بيريسٽر قاضي فائز عيسيٰ، حميرا رحمان، دانش آذر زوبي، نويد حسين، بيريسٽر زين شيخ ۽ قيصر بنگالي

شهري اسٽاف:

ڪوآرڊينيٽر: سرور خالد
اسسٽنٽ ڪوآرڊينيٽر: محمد ريحان اشرف
اڪائونٽ ڪنسلٽنٽ: عرفان شاهہ
آفيس اسسٽنٽ: محمد طاهر
آفيس بواءِ : خورشيد احمد

قلمڪارن لاءِ هدايتون:

اوهان پڻ ”شهري“ لاءِ لکي سگهو ٿا. هن سلسلي ۾ معلومات لاءِ ”شهري“ جي آفيس سان رابطو قائم ڪريو. ايڊيٽر/ادارتي عملي جو هن خبر نامي ۾ شايع ٿيڻ وارن مضمونن سان متفق هجڻ ضروري نہ آهي.

Production:
SAUDAGAR ENTERPRISES
Web: www.saudagar.com.pk
Ph: 021-34152970
Cell: 0333-2276331

مالي تعاون: فريڊرڪ نومان فائونڈيشن

ختم ٹينڈڑ زرعي ايراضي

ميرپورخاص	پبلک نوٹيس تاريخ	فصل جيکي تباھ ٿي ويا
پلاٹ نمبر 05 کان 09 ۽ 11 کان 14، عربيہ ٹائون هائوسنگ اسکيم، يھ مبارک، تعلقو شجا ع آباد، ضلعو ميرپور خاص	30 اپريل 2021	وڏا فصل ڪٽڪ، ڪمند نندا فصل بصر، پالڪ، پيندي ٽماٽر، جنتر پيلي وارو علاقو 62.4 هيڪٽر (گلوبل فاريسٽ واچ) ملز ڪند، ڪپھ، ڪاڇرو تيل
پلاٹ ستي سروي نمبر 375 موجود وارڊ - سي، تعلقو جھڈو، ضلعو ميرپور خاص	02اپريل 2021	
آر ايس نمبر: 165 ۽ 226، موجود ديھ مبارک، تعلقو شجا ع آباد، ضلعو ميرپو خاص	02اپريل 2021	
پار ايس نمبر: 117/3، ديھ 185، تپوا برنگ، تعلقو ڈگري، ضلعو ميرپور خاص	10 مارچ 2021	
آر ايس نمبر: 1 کان 7 بوردِ ٹائون هائونسگ اسکيم ديھ 178 تعلقو ڈگري، ضلعو ميپرپور خاص	15جنوري 2020	
پار ايس مبر: 292/9 (حصو) 10 (حصو) ديھ 290، اي تعلقو ڪوٹ غلام محمد، ضلعو ميرپور خاص.	15جنوري 2020	
آر ايس نمبر: 48، موجود يدھ 110 ، تعلقو حسين بخش مري، ضلعو ميرپور خاص	26آڪٹوبر 2019	
آر ايس نمبر: 8,7,3,2/256/621 (حصو) 16,15,11,10,9 ديھ 178، تعلقو ڈگھڑي، ضلعو ميرپور خاص	12آڪٹوبر 2019	
آر ايس نمبر: 56/2,3,7,8 (حصو) 9,10,11,15,16 ديھ 178، تعلقو ڈگھڑي ، ضلعو ميرپور خاص	15آڪٹوبر 2019	
آر ايس نمبر 66 ديھ 145، تعلقو شجا ع آباد، ضلعو ميرپور خاص	29جولاءِ 2019	
پآر ايس نمبر: 115 (حصو) ديھ 108، تعلقو حسين بخش مري، ضلعو ميرپور خاص.	25جولاءِ 2019	
آر ايس نمبر: 117/2ديھ 107 - اي تعلقو شجا ع آباد، ضلعو ميرپور خاص	25 جولاءِ 2019	

سانگھڑ	پبلک نوٹيس تاريخ	فصل جيکي تباھ ٿي ويا
آر ايس نمبر: 8 ۽ 10 ديھ A-6 ڈيم تپورائو تياٹي، تعلقو سنجھورو، ضلعو سانگھڑ	پھرئين نومبر 2020	وڏا فصل ڪپھ، چانور جوئر ۽ ڪمند نندا فصل ڪٽڪ، دالين ۽ تيلي بج آبادي لائق ايراضي 153000هيڪٽر (31 سيڪڙو)
آر ايس نمبر: 317,316,315,04 ۽ آر ايس نمبر: 8,7,6 ديھ 6 - اي، ڈيم تپو رائو تياٹي، تعلقو سنجھورو، ضلعو سانگھڑ	پھرئين نومبر 2020	
آر ايس نمبر: 301/1 (پررشن) 302/1، (پورشن) ديھ پرچري جاگير، تعقلو شھدادپور، ضلعو سانگھڑ.	8 فيبروري 2020	
آر ايس نمبر: 120 (پورشن) ۽ 12 (پورشن) ديہ پرچري جاگير، تعقلو شھدادپور، ضلعو سانگھڑ	27نومبر 2019	
آر ايس نمبر: 885/2,884/1 ۽ 3/ 885 ديہ ۽ تعلقو شھدادپور، ضلعو سانگھڑ	27نومبر 2019	
آر ايس نمبر: 448 (پورشن) 449 (پورشن)، 610(پورشن) اوبوياقان، تعلقو شھدادپور، ضلعو سانگھڑ	15نومبر 2019	
آر ايس نمبر: 2 /325 (پورشن) ۽ 2 /326 (پورشن) ديہ چنپ تعلقو شھدادپور، ضلعو سانگھڑ	26آڪٹوبر 2019	
آر ايس نمبر:771,700,699,692,690,330 ۽ 772 ديہ ۽ تپو سانگھڑ، تعلقو ۽ ضلعو سانگھڑ	28سيپٹيمبر 2019	
آر ايس نمبر: 822/5 ۽ 3823/3 ديہ ۽ تعلقو شھدادپور، ضلعو سانگھڑ	28سيپٹيمبر 2019	

سکر	پبلک نوٹيس تاريخ	فصل جيڪي تباھ ٿي ويا
آر ايس نمبر: 263 ديھ آباد جاگير، تپو پراڻو سکر، تعلقو نئون سکر، ضلعو سکر	27 مارچ 2021	وڏا فصل کجور، کپھ، چانور جوئر ۽ ڪمند **نڍا فصل** ڪڻڪ، دالیون ۽ آئل سيد **آبادي لائق ايراضي** 153000 هيڪٽر (31 سيڪڙو)
نمبر 6 /260 عابد لکا ديھ آباد جاگير، تپو پراڻو سکر، تعلقو نئون سکر، ضلعو سکر	20 مارچ 2021	
آر ايس نمبر: 45 (حصو) ديھ آرائين، تعلقو نئون سکر، ضلعو سکر	10 مارچ 2021	
آر ايس نمبر: 456 (حصو) ديھ تپو تعلقو پنو عاقل، ضلعو سکر	22 جنوري 2021	
آر ايس نمبر: 687 ديھ چڪ نمبر 5، تپو ۽ تعلقو صالح پٽ، ضلعو سکر	22جنوري 2010	
آر ايس نمبر: 232 ديہ ۽ تپو آرائين ، تعلقو نئون سکر، ضلعو سکر	24جنوري 2010	
پلاٽ نمبر: اي – 05 تي رهائشي پلاٽ گلشن رحمت هائوسنگ اسڪيم ديھ ۽ تپو آرائين، تعلقو نئون سکر، ضلعو سکر.	12سيپٽيمبر 2020	
آر ايس نمبر: 187,185,184/1 ,188 ۽ 189 ديھ ڍهي تعلقو نئون سکر، ضلعو سکر.	29نومبر 2020	
آر ايس نمبر: 2,206/1,205 ۽ 1 /212 ديھ ڍهي تعلقو نئون سکر، ضلعو سکر	29نومبر 2020	
آر ايس نمبر: 120 ، 429، 767، 874 ۽ 875 ديھ سنان تعلقو اوباوڙو، ضلعو گهوٽڪي سکر	27آڪٽوبر 2020	
آر ايس نمبر: 09(حصو) ۽ 112 (حصو) تعلقو يوراڻ تعلقو روهڙي، سکر	16سيپٽيمبر 2020	
آر ايس نمبر: 156 (حصو) ديھ، تپو ۽ تعلقو پنو عاقل، ضلعو سکر	19جنوري 2020	
پلاٽ نمبر ايس اي -23 ، ايس اي -24 تي تجارتي پلاٽ، نئون سکر، ستي هائوسنگ اسڪيم ، ديھ نصير آباد، تعلقو سکر، ضلعو سکر	17جنوري 2020	
آر ايس نمبر: 687 ديھ چڪ نمبر 05، تپو ۽ تعلقو صالح پٽ ضلعو سکر	19جنوري 2020	

بدين	پبلک نوٹيس تاريخ	فصل جيڪي تباھ ٿي ويا
آر ايس نمبر: 294 ديھ ۽ تعلقو سجاول، ضلعو بدين	16فيبروري 2021	وڏا فصل ڪمند، کپھ، چانور، ٽماٽر ڪمند، سورج مکي **نڍا فصل** بصر، مرچ، مالڻا، هنڌداڻو ڪارخانا **شگر مل** **پيلن تي مشتمل علاقا** **علاقو 12000 هيڪٽر**
آر ايس نمبر: 1/56 ديھ ڪڏ، تعلقو شهيد فاضل راهو، ضلعو بدين.	16فيبروري 2021	
آر ايس نمبر: 4 /39 ديھ تعلقو شهيد فاضل راهو، ضلعو بدين	16فيبروري 2021	
آر ايس نمبر: 47,46,44,43,42 ۽ 48 ديھ پاٽر، تعلقو ۽ ضلعو بدين	12سيپٽيمبر 2020	
آر ايس نمبر: 364,363,362 ديھ ڪرندي تعلقو ۽ ضلعو بدين	12سيپٽيمبر 2020	
آر ايس نمبر: 266,265,264,261,260 ۽ 268 ديھ ، تپو ، تعلقو ۽ ضلعو بدين.	25نومبر 2020	
آر ايس نمبر: 3 /11 ۽ 1 /119 ، 4 ديھ ڪانوڙ، تعقلو ماتلي، ضلعو بدين.	05فيبروري 2020	
آر ايس نمبر: 1 /64، اي -1 /67، 4، اي4، اي –1 /11 (حصو) ديھ تپو تعلقو ۽ ضلعو بدين.	22جنوري 2020	
آر ايس نمبر: 126 (حصو) ديھ تپو، تعقلو ۽ ضلعو بدين	28سيپٽيمبر 2019	
آر ايس نمبر: 01 (حصو) ۽ 02 (حصو) ديھ پناري، تعلقو تلهار، ضلعو بدين.	28سيپٽيمبر 2018	
آر ايس نمبر: 1 /130 کان 4 /130،1/ 145 کان 4 /145، 4 /103، 3 /103 ديھ سڪني، تعلقو ماتلي، ضلعو بدين	29جولاءِ 2019	

ٺٽو	پبلڪ نوٽيس تاريخ	فصل جيڪي تباهه ٿي ويا
آر ايس نمبر: 66 ديهه ۽ تپو گهارو، تعلقو ميرپور ساڪرو، ضلعو ٺٽو	19فيبروري 2021	وڏا فصل ڪڻڪ، چانور، ڪمند، **نڍا فصل** ڪيسٽر آئل
آر ايس نمبر: 40/3 ديهه ڪلڻ ڪوٽ، رايتي، تعلقو ۽ ضلعو ٺٽو	19فيبروري 2021	
آر ايس نمبر: 477/1 کان 477/4، 534/1 کان 534/4 ۽ ديهه ڀنيرو ۽ غير آباد نمبر3، تپو گهارو ۽ بابرا، تعلقو ميرپور ساڪرو، ضلعو ٺٽو	09جنوري 2021	
ايراضي پيمائش ٿيل علائقو 20 ايڪڙ، موجود ديهه ڪوهستان 1 /7 تعلقو ۽ ضلعو ٺٽو	25جنوري 2020	
بلاڪ سروي نمبر 549/2 ديه کاڙي سر، تعلقو ميرپور ساڪرو، ضلعو ٺٽو	پهرئين نومبر 2019	
ايراضي پيمائش ٿيل علائقو 1/4 ايڪڙ موجود ديهه گهارو، تعلقو ميرپور ساڪرو، ضلعو ٺٽو	25سيپٽيمبر 2019	
آر ايس نمبر: 238 ۽ 239 ديهه شيخاڻي، تعلقو ۽ صلعو ٺٽو	25سيپٽيمبر 2019	
آر ايس نمبر: 03/1 ديهه پير جهڙيون، تعلقو ميرپور ساڪرو، ضلعو ٺٽو	14نومبر 2020	
آر ايس نمبر: 553/1 کان 553/4،4،3،2/552 ديهه کاڙي سر، تعلقو ميرپور ساڪرو، ضلعو ٺٽو	25جنوري 2020	

شهيد بينظير آباد	پبلڪ نوٽيس تاريخ	فصل جيڪي تباهه ٿي ويا
رهائشي پلاٽ نمبر 05،04،03،02،01 ۽ 2 ميجر ريٽائرڊ مم افضل ٽائون هائوسنگ اسڪيم، فيز 1 ديهه 50 داد تعلقو نوابشاهه ، ضلعو شهيد بينظير آباد	20مارچ 2021	وڏا فصل مڪئي، چانور، ڪمند ڪپهه ۽ ٻاجهر **نڍا فصل** ڪڻڪ، جوئر، ۽ داليون وغيره **پوکي لائق علائقو** 244000 هيڪٽر (53 سيڪڙو)
آر ايس نمبر 139 ۽ 143 ديهه 50 داد، تعلقو نوابشاهه، ضلعو شهيد بينظير آباد	17فيبروري 2021	
آر ايس نمبر 05 ديهه 18 سڪرنڊ، تعلقو سڪرنڊ، ضلعو شهيد بينظير آباد	22جنوري 2021	
آر ايس نمبر 135/1 (حصو) ۽ 235/2 (حصو) ديهه اي /87 نصرت تعلقو نوابشاهه، ضلعو شهيد بينظير آباد	24ڊسمبر 2020	
آر ايس نمبر 133/2 ۽ 2 -اي (حصو) ديه اي/87 نصرت تعلقو نوابشاه، ضلعو شهيد بينظير آباد	24ڊسمبر 2020	
آر ايس نمبر 133/1 تي ايراضي ماپ ٿيل علائقو 4 ايڪڙ موجود ايهه اي/87 نصرت تعلقو نوابشاه، ضلعو شهيد بينظير آباد	24ڊسمبر 2020	
آر ايس نمبر 3، 537/2، 541/1 ديهه ڪنده ننڍو، تعلقو قاضي احمد ضلعو شهيد بينظير آبد	12ڊسمبر 2020	
آر ايس نمبر 83/3 (حصو) ديهه 25 - داد، تعلقو نواب شاهه، ضلعو شهيد بينظير آٻاد	پهرئين نومبر 2020	
آر ايس نمبر 115 ۽ 116 ديهه 42 -داد، تعلقو نواب شاهه، ضلعو شهيد بينظير آباد	14فيبروري 2020	
آر ايس نمبر 100/1 (پورشن) 100/2 (پورشن) 101/1 بي، 101/1 اي (پورشن) 101/ سي (پورشن) ديهه 86 نصرت، تعلقو نواب شاهه، ضلعو شهيد بينظير آٻاد	11فيبروري 2020	
آر ايس نمبر 101/4 اي کان 101/4 ڊي ديهه نصرت، تعقلو نواب شاه، ضلعو شهيد بينظير آباد	11فيبروري 2020	
آر ايس نمبر 100/3 ماپ ٿيل علائقو 4 ايڪڙ، موجود ديهه 86 نصرت تعلقو نواب شاهه، ضلعو شهيد بينظير آباد	11فيبروري 2020	
آر ايس نمبر 05 ماپ ٿيل علائقو 2 گهنٽا موجود ديهه 18 سڪرنڊ ، ضلعو شهيد بينظير آباد	22فيبروري 2020	
آر ايس نمبر 70/1 کان 70/4 ديهه 44 داد، تعلقو نواب شاه، ضلعو شهيد بينظير آباد	11 سيپٽيمبر 2019	
آر ايس نمبر 84/2،3،4 تي ايراضي ديهه 87/ اي نصرت تعلقو نواب شاه، ضلعو شهيد بينظير آباد	27سيمپٽيمبر 2019	

لاڙڪاڻو	پبلڪ نوٽيس تاريخ	فصل جيڪي تباهه ٿي ويا
آر ايس نمبر 378 (حصو) 379 (حصو) ۽ 380 (حصو) ديهه نذر ٺريري، تپو ابڙا، تعلقو ۽ ضلعو لاڙڪاڻو	31مارچ 2021	وڏا فصل چانور، جوئر، ڪمند، رابي، ڪڻڪ، داليون ۽ تيلي ٻج **نڍا فصل** زيتون، ليمون، انب ۽ کجور **پوکي لائق علائقو** 64000 هيڪٽر
آر ايس نمبر 72 ديهه بگٽي بلوچ تعلقو ۽ ضلعو لاڙڪاڻو	26 نومبر 2020	
آر ايس نمبر 119/3,119/2,119/1,117,116 ديهه لُنڊ ٽپولو نگال، ضلعو لاڙڪاڻو	04 نومبر 2020	
آر ايس نمبر 120 کان 123، 134 کان 138 ۽ 142 ديهه بگٽي بلوڇ، تعلقو ۽ ضلعو لاڙڪاڻو	03آڪٽوبر 2020	
آر ايس نمبر 304 کان 309، 311 کان 314 ۽ ٻئي ماپ ٿيل هڪ ديهه ۽ تپو بقاپور ، تعلقو باقراڻي، ضلعو لاڙڪاڻو	03آڪٽوبر 2020	
آر ايس نمبر 656 (حصو) 657 (حصو)658 (حصو)659 (حصو) ۽ ٻيا، ديهه واه بني بخش، تپو ابڙا، تعلقو ۽ ضلعو لاڙڪاڻو	23سيپٽيمبر 2021	
آر ايس نمبر 242 (حصو)، 243 (حصو)، 244 (حصو) ديهه چاڪر علي، تپو ٻيڙو چانڊيو، تعلقو ۽ ضلعو لاڙڪاڻو	23سيپٽيمبر 2021	
آر ايس نمبر 332 (حصو)،339 (حصو)، 150 (حصو)، 151 (حصو)، ديهه کيڏڪر، تپو دودائي، تعلقو ۽ ضلعو لاڙڪاڻو	23سيپٽيمبر 2021	
آر ايس نمبر 17، 18، 19 ۽ 21، ديهه نذر علي ٿاراڻي، تعلقو ۽ ضلعو لاڙڪاڻو	05جنوري 2020	
آر ايس نمبر 17، 18، 19 ۽ 21، ديهه نذر علي ٿاراڻي، تعلقو ۽ ضلعو لاڙڪاڻو	03جنوري 2020	
آر ايس نمبر 670 کان 674 (حصا)، ديهه واهه نبي بخش، ضلعو لاڙڪاڻو	15نومبر 2019	
آر ايس نمبر 497،326،308 (حصو)، 592 (حصو) ۽ 595 (حصو)، ديهه واه بني بخش، ضلعو لاڙڪاڻو	12آڪٽوبر 2019	
آر ايس نمبر 326 (حصو ۽ 595 (حصو) ماپ ٿيل علائقا 31.40 گهٽا موجودهه ديهه واه بني بخش، ضلعو لاڙڪاڻو	12آڪٽوبر 2019	
آر ايس نمبر 215 ۽ 212، ديهه نذر ٿريري، تپو ابڙا، تعلقو ۽ ضلعو لاڙڪاڻو	28سيپٽيمبر 2019	
آر ايس نمبر 11 کان 16، 27/1. 28، 29، 642 کان 645، 647، 648 ۽ ٻيا ماپ ٿيل علائقا 60 ايڪڙ ۽ 7 گهنٽا، موجود ديهه ڍاڍرا، تپو بقاپور، تعلقو باقراڻي، ضلعو لاڙڪاڻو	11جولاءِ 2019	
آر ايس نمبر 497 (حصو) ۽ 595 (حصو) ديهه واه نبي بخش، تعلقو ۽ ضلعو لاڙڪاڻو	12آڪٽوبر 2019	

خيرپور	پبلڪ نوٽيس تاريخ	فصل جيڪي تباهه ٿي ويا
آر ايس نمبر 933 ۽ 934، ديهه ، تعلقو ۽ ضلعو خيرپور	پهرئين اپريل 2021	وڏا فصل ڪپهه، کجور ۽ ڪمند **نڍا فصل** بنولہ **فروٽن جا باغ** کجور، ڪيلو، انب، زيتون، سنگتره ۽ ليمون **پوکي لائق** 25600 هيڪٽر (16 سيڪڙو)
آر ايس نمبر 372، 373، 756 ديهه گجو، تعلقو ۽ ضلعو خيرپور ميرس	14 نومبر 2020	
آر ايس نمبر 190،191،196،197،198 * 199 ديهه ڀرڳڙي تعلقو ۽ ضلعو خيرپور	13 فيبروري 2020	

حيدرآباد	پبلڪ نوٽيس تاريخ	فصل جيڪي تباهه ٿي ويا
آر ايس نمبر 513/4 ۽ 514/4 ديهه مياڻو، تپو، تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد	19فيبروري 2021	وڏا فصل ڪپهه، چانور ۽ ڪمند
آر ايس نمبر 43،42 ۽ 44 ديهه سڪ پور، تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد (پهراڙي)	19فيبروري 2021	
آر ايس نمبر 137 (حصو) ديهه نارا جاني، تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد	26آڪٽوبر 2019	**نيا فصل** ڪڪڙ، دالين ۽ آئل سيدز
آر ايس نمبر 07 ديهه چي چا ڏيڻا، تعلقو ضلعو حيدرآباد (پهراڙي)	14نومبر 2020	
آر ايس نمبر (حصو) 641،640،260 ديهه نارا جاني، تپو تندو حيدر، تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد	12آڪٽوبر 2019	**پوکي لائق علاقو** 47000 هيڪٽر (47 سيڪڙو)
آر ايس نمبر 136 (حصو) موجود ديهه نارا جاني، تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد (پهراڙي)	12آڪٽوبر 2019	

ٽندو محمد خان	پبلڪ نوٽيس تاريخ	فصل جيڪي تباهه ٿي ويا
آر ايس نمبر 2 ۽ 3 ديهه بهرام پور، تپو برلي شاهه ڪريم، ضلعو ٽندو محمد خان	30اپريل 2021	وڏا فصل ڪمند ۽ چانور
آر ايس نمبر 166/9 کان 16 ۽ 167/9 کان 16 ديهه ويساکي، تعلقو ۽ ضلعو ٽندو محمد خان	03آڪٽوبر 2020	
آر ايس نمبر 228 ديهه چانڊيو، تپو جمعو جکرو، تعلقو ٽندو غلام حيدر، ضلعو ٽندو محمد خان	03آڪٽوبر 2020	**نيا فصل** ڪڪڙ، ۽ ڪپهه
آر ايس نمبر 17، ديهه تعلقو ۽ ضلعو ٽندو محمد خان	15جنوري 2020	
آر ايس نمبر 7،239/2 ديهه ويساکي، تعلقو ۽ ضلعو ٽندو محمد خان	27نومبر 2019	
آر ايس نمبر 50، خيبان نمبر 50، ديهه چانڊيو تپو جمعو جکرو، ضلعو ٽندو محمد خان	28سيپٽمبر 2019	

دادو	پبلڪ نوٽيس تاريخ	فصل جيڪي تباهه ٿي ويا
ستي سروي نمبر 625/3-A، وارڊ - اي، مچي مارڪيٽ تعلقو ۽ ضلعو دادو	31 مارچ 2021	وڏا فصل ڪپهه، چانور ۽ ڪمند
آر ايس نمبر 442،441،440،436،36،28 ۽ پيا، ديهه پپري، تعلقو دادو	16فيبروري 2021	
		نيا فصل جو، جوئر، دالين ۽ سرنهن

شهري- سي بي اي لاءِ امبر علي پائي جي خدمتن جي سلسلي ۾ پزيرائي تقريب جو اهتمام

آچر 20 جون 2021ع تي دانش آذر زوبي جي رهائش گاهه تي شهري -سي بي اي جي جنرل سيڪريٽري امبر علي پائي جي آرگائيزيشن جي لاءِ ڪيل ڪوششن ۽ انهيءَ جي ڪيل ڪمن تي ڪيس خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ شهري - سي بي اي جي مجلس منتظم جي ميمبرن، ڪجهه سينئر ميمبرن ۽ شهري -سي بي اي جي اسٽاف اسٽاف پاران شرڪت ڪئي وئي. دانش آذر زوبي جيڪو شهري -سي بي اي جي باني ميمبرن مان هڪڙو آهي ۽ مجلس منتظم جو ميمبر پڻ آهي، انهيءَ خطاب ڪيو ۽ شامل ٿيندڙن کي 1988ع ۾ شهري -سي بي اي قائم ٿيڻ واري وقت موجودگيءَ بابت يادگيريون پيش ڪيون. هن انهيءَ اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن سمورن ميمبرن جي باري ۾ پڻ آگاهي ڏني. هن پنهنجن تجربين کان پڻ آگاهه ڪيو هن شهري -سي بي اي جي مستحڪم ۽ لڳاتار ڪوششن تي امبر علي پائي جي بحيثيت مرڪزي ڪردار ۽ جدوجهد کي شاندار لفظن ۾ پيٽا پيش ڪئي.

شهري - سي بي اي جي باني ميمبر ڊاڪٽر قيصر بنگالي پاران تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن کي شهري جي قائم ٿيڻ وارين يادگيرين کان پڻ آگاهه ڪيو ۽ شفاف حڪمراني کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ شهرين جي معلومات ۽ حرڪت پذيري جي ضرورتن تي پڻ زور ڏنو ان موقعي تي امبر علي پائي کي" بي لوث خدمت گار شهري" جي شيلڊ پيش ڪئي وئي، ان سان گڏو گڏ ڪيس دانش آذر زوبي پاران تيار ڪيل سندس پورٽريٽ پڻ ڏنو ويو.

امبر علي پائي پاران تقريب ۾ شريڪ ٿيندڙن جي نيڪ خواهشن تي انهن جو ٿورو مڃيو ۽ چيو ته شهري -سي بي اي جدوجهد جي هڪڙي ٽيم جو نالو آهي ۽ ان جون ڪاميابيون، اسٽاف ۽ رضاڪارن پاران ڪراچي سان محبت ۾ نتيجي ۾ ڪيل اڻ ڳڻين ڪوششن، سچائي ۽ لڳن جو نتيجو آهي.

هر کوشش چو ناکام ٿئي ٿي؟

دانش آذر زوبي

عدد جو عنصر

تازو اخبار ۾ شايع ٿيڻ وارو حيرت انگيز آرٽڪل" گمشدھ ڏمڪي" نظر مان گذريو اهو آرٽيڪل انسان جي آبادي جي تڪليفن واري شڪل ۾ لکيل هو. حقيقت اها آهي ته گنجائش کان وڌيڪ آبادي کي انسان وٽ ڪڏهن به ان کي سنگين مسئلو ناهي سمجهيو ويو ان کي هڪڙو سنگين مسئلو پلاچو ڇئي سگهجي ٿو. جڏهن ان ۾ خدا پاران عطا ڪيل خوبصورت عطيو ٻارڙن جي پيدائش جي صورت ۾ ٿي رهيو هجي؟ ڪئين ٻارڙن جي پيدائش وارو معجزو هڪ سنگين مسئلو ٿي سگهي ٿو؟ پر رڳو ڪجهھ سالن بعد اهي خوبصورت ٻارڙا وڏا ٿي معاشري تي هڪ ناقابل برداشت بوجھ بڻجڻ لڳن ٿا، جيڪڏهن انسان انهن لاءِ مناسب ترقي ۽ موقعا پيدا نه ٿا ڪيون پر اهڙي آرٽيڪل جو وڌيڪ خطرناڪ حصو اهو آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته قومي سلامتي تي ڳالهھ ٻولهھ واري موضوع تي تازو منعقد ٿيل اعليٰ سطحي ڪانفرنس ۾ آباديءَ ۾ اضافي کي اوليت جي طور تي شامل ئي نه ڪيو ويو آهي مون کي پئو اهو آهي ته ڇا انسان پنهنجي جسم تي بم ٻڌي پاڻ کي محفوظ ڪري سگهون ٿا؟

انسانن لاءِ بم جو اصطلاح استعمال ڪرڻ وارو پهريون شخص ماهر حياتيات پال انرلچ هو، جنهن 1970ع ۾ شايع ٿيل پنهنجي ڪتاب" آبادي جو ڏماڪو" ۾ اهڙي محاوري جو استعمال ڪيو هو ان وقت کان وٺي انسانن جي آبادي ۾ اضافو ۽ انهن جي پيلائي هڪ دلچسپ بحث جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي ڪجهھ جو خيال آهي ته پيدائش ۾ وقفو جديد آزادي خيال پاليسين جو حصو آهي، جيڪو اشرافيه طبقي جي ذاتي مفادن کي نظر ۾ رکندي ترتيب ڏنو ويو آهي منصوبه بندي ترقيات سان گڏ هڪ باوقار سماجي انصاف آبادي جي وڏندڙ انگن اکرن کي ترقي لاءِ هڪ ڪار آمد اثاثي ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو فتويٰ اها هئي ته آبادي ۾ تمام گهٽو اضافو مسئلو ناهي، پر اهو غربت ۾ واڌ جو نتيجو آهي، جڏهن ته ڪجهھ جي نظر ۾ انهيءَ جا سبب ٻيا آهن. ماٺهن جي اڪثريت ٻارڙن کي هڪ سرمائي ڪار جي حيثيت سان ڏسي ٿي، جيڪو شروعاتي عمر ۾ انهن جا مددگار بڻجندا آهن ۽ ڪراڙپ ۾ انهن جي سار سنيال ڪندا آهن.

وڏندڙ آبادي واري خطري 19 صدي جي پادري ٿامس مالٿوس کي خوفزدهھ ڪيو، جنهن اڳڪٿي ڪئي هئي ته جيڪڏهن ان تي پابندي نه ٿي لڳائي وڃي ته اينڊرڙ 25 سالن ۾ آبادي ٻيٽي ٿي ويندي

۽ جنهن ڪري خوراڪ جي قلت پيدا ٿيندي ۽ بک، بيمارين، طاعون ۽ وڏي پيماني تي جنگين جا واقعا ٿيندا اهڙي حيرت پري اڳڪٿي پوئتي پيل دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ ڪروڙا جي تازو آيل عالمي وبا جي تناظر ۾ بلڪل صحيح نظر اچي ٿي. انساني ترقيات جي انگن زرخيزي ۾ ڊرامائي گراوٽ سان گڏ مالٿوسي نظريين کي غلط ثابت ڪيو آهي ترقي پذير ملڪ وڏندڙ آبادي جي بوجھ هيٺ دٻجي رهيا آهن. چاڪاڻ ته اهي ماڻهن کي متوازن انفراسٽرڪچر، ترقيات ۽ سماجي انصاف مهيا ڪرڻ جي قابل ناهن رهيا.

واضع طور تي نظر اچي ٿو ته گذريل 07 سالن ۾ اسان جي قيادت 25 سالن ۾ ٻيڻ کان وڌيڪ ٿيندڙ آبادي کي سماجي انصاف ۽ هڪجهڙي ترقيات جي گهٽ واري معيار کي ب حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي غربت، بيمارين، جهالت، ڏوهن، غلاظت، گندگي، بک ۽ غذائي کوٽ جو ديو ملڪ جو پيڇو ڪري رهيو آهي رڳو ڪجھ ٿورڙا دولت مند هنڌ آهن، جتي سمورين سهولتن جي ڪثرت موجود آهي. اسان جو معاشرو اڻ برابري ۽ سماجي نا انصافي جو هڪ اعليٰ مثال بڻجي چڪو آهي هر قسم جا سياستدان ۽ حڪمران اسان جي قسمت جي ٻڌندڙ ٻيڙي کي بچائڻ لاءِ ايندا، ويندا رهيا آهن، پر ڪابہ حڪمت عملي ڪارگر ثابت ناهي ٿي. 1947ع ۾ اسان جي آبادي ٽي ڪروڙ 20 لک هئي، جيڪا 1972ع ۾ ٻيڻي ٿي تقريبن 6ڪروڙ 13 لک ٿي گذريل 25 سالن يعنيٰ 1991ع ۾ مالٿوسي ٻيڻي آبادي واري نظريي جي حد کان ب وڏي 13 ڪروڙ 86 لک تائين پهچي چڪي هئي. ڪوب سولائي سان اندازو لڳائي سگهي ٿو ته 2024ع ۾ ملڪ جي آبادي ڪيتري هوندي، جڏهن ته وڏندڙ آبادي کي اوليتي لسٽ ۾ شامل ئي ناهي ڪيو ويو جنرل ايوب خان اڪيلو حڪمران هو، جنهن ملڪ جي آبادي تي ضابطو آڻڻ لاءِ هڪ پائيدار ايجنڈا کي لاڳو ڪيو، پر ان جي وڃڻ سان ئي ملڪ جي وڏندڙ آبادي تي ضابطو آڻڻ جو هڪ بهترين پروگرام پوئتي رهجي ويو ۽ ملڪ ۾ وقت بوقت انتظامي بحرانن ۾ اضافو ٿيندو رهيو غربت ۽ تمام گهڻي وڏندڙ آبادي جي وچ ۾ رشتي جي ڪاٽي خلاف اندازي واري ڦهلاءَ کي روڪڻ لاءِ سائنسي طريقن تي مبني سماجي مقصد ۾ سرمائيڪاري ڪرڻ، ترقيات حدف ڪي حاصل ڪرڻ کان سواءِ آبادي جي ڦهلاءَ ۾ ڪڏهن ب گهٽتائي نہ ٿي آڻي سگهجي. اقتصادي ترقي لاءِ بن هٿن جو هئڻ ضروري آهي هتي آبادي جي ماهرن جي گهٽتائي ناهي، اسان کي رڳو آبادي تي ضابطو آڻڻ وارن طريقن جي اهميت جي حوصلا افزائي جي ضرروت آهي. پر بنهي لاءِ جيڪو هاڻي هڪ ئي آهي ۽ اهاآهي آبادي، اسان جي سياري کي ڏسو 1800ع ۾ هڪ ارب آبادي تائين پهچڻ لاءِ سموري تاريخ لڳي وئي، وڌيڪ هڪ ارب جو اضافو رڳو هڪ صدي ۾ ٿيو ۽ آبادي ۾ وڌيڪ هڪ ارب جو اضافو رڳو 30 سالن ۾ ٿيو 20هين صدي جي آخر تائين اسان 6 ارب آبادي کان ب اڳتي وڌي چڪا آهيون رڳو گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ 8 ارب آبادي جي ويجهو پهچي چڪا آهيون ڪنهن ب گهر جي سربراهہ کان پڇو ته اهو توهان کي انهيءَ جي حقيقت ٻڌائيندو جيڪڏهن توهان 10 مانيون پچايون آهن ۽ اتي سئو بکيا موجود هجن ته اتي افرا تفري جا امڪان ٿي سگهن ٿا. جيڪڏهن اسان اهڙي هڪجهڙائي کي وڏي پئماني تي هڪ شهرجي سطح تي رکندي اندازو ڪيون ته ڪيترو نہ ششدر ٿي ويندا سين ان ۾ توهان رهائش، توانائي ۽ ٻيون شهري سهولتون مهيا ڪرڻ کي پڻ شامل ڪيو ليڪن مانهون شهرن ڏانهن لڏ پلاڻ ڪري رهيا آهن اندازو لگايو ويو آهي ته جلد ئي سموري دنيا جي 60 سيڪڙو آبادي شهرن تي مشتمل هوندي انهن شهري مرڪزن ۾ ڪٽيل آبادي جا خطرناڪ مسئلا پيدا ٿيندا، ياد رهي ته اهي شهري مرڪز اڳ ئي پنهنجي اندازي کان وڌيڪ آبادي جو بوجھ کڻي چڪا آهن ۽ موت جي ڪوهہ جي شڪل اختيار ڪري چڪا آهن. دولت مند آبادي لاءِ خوراڪ ۽ توانائي جي شين جي پيداوار هن سياري جي ذريعن ۽ ماحول جي لاءِ تباهي جو سبب ثابت ٿي چڪي آهي گندگي جي نيڪال، هوائي ۽ ساموندي آلودگي، گلوبل وارمنگ ۽ ماحولياتي بحران، ٻيلن جي وادي، رڻ پٽن جي ايراضي ۾ اضافو، گهٽ زراعتي پيداوار جهڙا سمورا ماحولياتي مسئلا سڌو سنئون آبادي جي ڦهلاءَ سان تعلق رکن ٿا ۽ بغير ڪنهن شڪ جي اهو هڪ عالمي بحران آهي.

منهنجي خيال ۾ غير ضروري ڳٽيل آبادي معاشري جي سمروين براين جي پاڙ آهي، ان لاءِ مان موجوده حڪومت کي گذارش ڪندس ته اها پنهنجي ايجنڈا ۾ اوليت جي بنيادن تحت نئين سر حڪمت عملي جوڙي منهنجي خيال ۾ خانداني منصوبہ بندي جون ڪوششون سماجي انصاف، صحت ۽ تعليم جي ٻين پروگرامن سان گڏوگڏ جاري رهڻ گهرجن ۽ هڪ پائدار خانداني منصوبہ بندي جو پروگرام خوراڪ، پاڻي تحفظ ۽ ماحولياتي تبديلي سان گڏ اويلتي بنيادن تحت هجڻ گهرجي. ائين محسوس ٿئي ٿو ته اقتصادي فلاح ۽ بهبود جي لاءِ ڪم ڪندڙ سمورا اقتصادي ماهر وڏندڙ آبادي سان منهن ڏيڻ لاءِ خوف ۾ ورتل آهن رڳو ڪجھ ڏهاڪن ۾ بنگلا ديش جي معاشي ترقي هڪ مثال بڻجي چڪي آهي انهيءَ عرصي دوران بنگلاديش پاران پنهنجي آبادي جو حدف 6.9 سيڪڙو سالياني کي گهٽائي 2.1 سيڪڙو سالياني (عالمي معيار جي مطابق) وارو تناسب حاصل ڪيو آهي، جنهن جي ڪري انهيءَ ملڪ کي پنهنجي معيشت ۽ پنهنجي ماڻهن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ سرمائي ڪاري ڪرڻ جو موقعو مليو ڇا اسان پنهن جي آبادي جو تناسب 3.6 سيڪڙو تي برقرار رکنداسين؟ دنيا جي معيشت ۾ حيرت انگيز ترقي ڪندڙ چين جي ٻين سببن کان سواءِ وڏو سبب ان جي "هڪ ٻار جي پاليسيٰ" کي سختي سان لاڳو ڪرڻ آهي. مثالن ۽ انگن اکرن کي پيش ڪندي اسان صفحا ته پري سگهون ٿا پر اسان جي منصوبہ بندي ۾ ڪوتاهيون رهنديون ته ڪابہ شيءِ ڪم نہ ايندي خدا اسان جي ملڪ تي مهربان آهي، اسان کي پنهنجي ايندڙ نسلن لاءِ صحيح قدم کڻڻا پوندا.

سماجي تحفظ سينيٰ لاءِ

نعيم صادق

"الف" هيلپر جي حيثيت سان هڪڙي دڪان تي ڪم ڪيو. جنهن جو مالڪ "ب" هيو ستن سالن کان پوءِ ان "ج" سان گڏ اٺ سال ڪم ڪيو. جيڪو ٻئي شهر ۾ هيو. ان کان پوءِ انهيءَ نون سالن تائين "د" جي لاءِ ڪم ڪيو۽ آخر ۾ ان "س" جي لاءِ مالي جي حيثيت ۾ ڏهه سال ڪم ڪيو انهيءَ مختلف دڪانن ۽ گهرن ۾ 34 سالن تائين ڪم ڪيو انهيءَ جا مالڪ هميشه ڪيس گهٽ ۾ گهٽ قانوني اجوري کان بہ گهٽ اجوري تحت ملازم ڏيندا هئا ۽ اڻن ڪلاڪن کان بہ وڌيڪ ڪم وٺندا هئا. پر ان باوجود ڪيس کابہ اي او بي آءِ پينشن يا سوشل سيڪورٽي جي سهولت حاصل ناهي.

"الف" هاڻي ست سالن جو پوڙهو شخص آهي ۽ اهو باقائدگيءَ سان کابہ مزدوري نہ ٿو ڪري سگهي زندگي جا 34سال محنت ۽ جاکوڙ واري زندگي گهارڻ باوجود اهو کنهن بہ قسم جي اولڊ ايج بينيفٽ، پينشن يا گريجوئٽي جو حقدار ناهي رٽائرمينٽ کان پوءِ هو پنهن جي خاندان ۽ معاشري مٿان هڪ بوجھ بڻجي چڪو آهي.

روزانو وڏ کان وڏ اهڙي لسٽ ۾ ماڻهو شامل ٿيندا رهن ٿا. جن جي سموري زندگي ۾ سندن استحصال ڪيو ويندو رهيو ۽ ڪراڙ ۾ ڪيس بي يار ۽ مددگار ڇڏيو ويو. چاڪاڻ تہ حڪومت پاران غير رسمي سيڪٽر ۾ ڪم ڪرڻ وارن ڪروڙين ماڻهن جي لاءِ اجان تائين کوبہ اولڊ ايج بينيفٽ اسڪيم يا سوشل سيڪورٽي جو ادارو قائم ناهي ڪيو اي او بي آءِ ۽ سوشل سيڪورٽي جي لاءِ موجوده قانون رڳو انهن ادارن سان لاڳو ٿئي ٿو. جتي پنجن کان وڌيڪ ماڻهو ڪم ڪندا هجن سادن لفظن ۾ اٿين چئجي تہ هتي انفرادي خودڪار مزدورن جي لاءِ کابہ جڳهہ ناهي.

پاڪستان پنهنجي شهرين جي زندگيءَ ۾ انقلابي بهتري آڻي سگهي ٿو جيڪڏهن اهو قانون سازي وسيلي انهيءَ ڳالهہ کي يقيني بڻائي تہ اداره جاتي يا ڪم جي نوعيت جي جاچ پڙتال کان سواءِ مزدورن کي

(الف) گهٽ ۾ گهٽ قانوني اجورو ڏنو وڃي.

(ب) انهن کي اي او بي آءِ ۾ رجسٽر ڪيو وڃي ۽

(ج) سوشل سيڪورٽي ۾ پٽ رجسٽر ڪيو وڃي.

هر ڪنهن مٿان اهڙي پابندي هجڻ گهرجي تہ جونہ انهيءَ هڪڙو ئي مزدور(مثال طور گهريلو ملازم) رکيو هجي. اهو مٿي ڄاڻايل ٽئي ضابطا پورا ڪري رهيو هجي.

اي او بي آءِ جي موجوده پينشن اسڪيم ۾ 8000 رپيا ماهوار، پنجاب ۾ 13000 رپيا ماهوار ۽ خيبر پختونخوا ۾ 17500 رپيا ماهوار کي سموري پاڪستان جي مزدورن لاءِ هڪجهڙو ڪيو وڃي جنهن لاءِ ضروري طور تي ٽيليويزن ۽ اخبارن ۾ اشتهار ڏيڻ گهرجن تہ کوبہ فرد يا ادارو جونہ اهو رڳو هڪڙي ئي فرد کي سندس ڪم جي نوعيت جي جاچ پڙتال کان سواءِ (گهريلو ملازم، زرعي مزدور، تجارتي يا صنعتي ڪارڪن) ملازم رکي ٿو تہ ڪيس گهٽ ۾ گهٽ قانوني اجورو ڏيڻو پوندو ۽ انهيءَ اجرت جو ڇهہ سيڪڙو اي او بي آءِ ۽ وڌيڪ 6 سيڪڙو سوشل سيڪورٽي جي مد ۾ لاڳاپيل ادرن ۾ جمع ڪرائو پوندو هتي اهو چوڻ جي ضرورت ناهي تہ اهڙيون سموريون ادائيگيون بينڪن وسيلي هجن.

اهو سبب ممڪن آهي، جيڪڏهن حڪومت پنهنجي موجوده وڏين ادائيگين ۽ رقم جي منتقلي واري نظام کي اثرائتي بينڪاري خدمت جي صورت ۾ تبديل ڪري. پاڪستان کي ڪينيا جيڪو هڪ نندڙو ترقي پسند افريقي ملڪ آهي، کان سبق سکڻ گهرجي جتي رڳو هڪ نهايت سادو "ايم- پيسامني ٽرانسفر اسڪيم" کي سينٽرل بئنڪ آف ڪينيا هلائي ٿو. اهو موبائل فون تي مبني نظام شهرين، واپارين، بنيڪن ۽ حڪومت جي وچ ۾ متفرق ادائيگين جي سهولت مهيا ڪري ٿو. جڏهن تہ پاڪستان ۾ ديرسان ئي صحيح هڪ اسڪيم RAAST جي نالي سان متعارف ڪرائي وئي آهي. جيڪا هڪ بهترين پيش رفت آهي اها اڃن بہ وقت کان گهڻو پوئتي آهي ۽ ان کي وڏي پيماني تي وسعت ڏيڻ جي ضرورت آهي. هڪڙي عام شهري کي ڊجيٽل هاءِ وي ۾ دلچسپي ناهي، ڪيس سفر ڪرڻ لاءِ حقيقي ذريعن جي ضرورت آهي.

ٿورو غور ڪيو تہ آسان جي ڪل باقائده ۽ بي قائده افرادي قوت جو رڳو 10 سيڪڙو ئي اي او بي آءِ ۾ رجسٽرڊ آهي جڏهن تہ سوشل سيڪورٽي ۾ تہ اهو تعداد ان کان بہ گهٽ آهي هر باشعور شخص هاڻي ادارن جي نااهلي ۽ غير موثريت کي بخوبي سمجهي سگهي ٿو. انهن ادارن ۾ مڪمل طور تي سڌاري جي ضرورت آهي. انهن ادارن جي جوڙ جڪ نئين سر ٽيڻ گهرجي ۽ انهن جو نظام ڪمپيوٽرائيزڊ پٽ هجڻ گهرجي تہ جيئن پاڪستان ۾ ڪم ڪندڙ هر شهري کي بغير ڪم جي نوعيت جاٽب جي يا اي او بي آءِ ۽ سوشل سيڪورٽي ادرن ۾ رجسٽريشن کي يقيني بڻائي سگهجي اهو سپ کجهہ رڳو انهيءَ صورت ۾ ممڪن ٿي سگهي ٿو. جڏهن سموريون ادائيگيون ۽ لکت بابت رڪارڊ ڪمپيوٽرائيزڊ هجي ۽ اهو قومي شناختي ڪارڊ ۽ نادرا جي ڊيٽا بيس سان ڳنڍيل هجي.

پاڪستان رياست جي حيثيت ۾ پنهنجي سمورن شهرين جي عزت نفس، ڪفالت ۽ سهولت ڪاري ۾ اضافي لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ ۾ ناڪام رهيو آهي. آسان ڪي پنهنجي استحصالي هٿن جي پڪڙ ڪي پنهنجي غريب شهرين، ڪمزورن ۽ بي سهارن ماڻهن جي ڳچيءَ مان پري ڪرڻو پوندو تہ جيئن اهي بہ سڪ جو ساهہ کڻي سگهن. امريڪا جي نئون چونڊيل صدر جو پهريون صدارتي حڪم اهو هو تہ وفاقي سطح تي گهٽ ۾ گهٽ اجرت جي 7.25 ڊالر في ڪلاڪ مان وڌائي 15 ڊالر في ڪلاڪ ڪيو وڃي. ڇا پاڪستان انسانيت جي پلائي جي اهڙي شاندار مثال جي پيروي ڪندو؟

سنڌ صوبي ۾ ڳٽيل علائقن جي معيار جو تعين ڪرڻ لاءِ ڪميٽي قائم

شهري - سي بي اي پاران وزير اعليٰ سنڌ ۽ ٻين اعليٰ آفيسرن کي موڪليل هڪ خط وسيلي اهڙي ڪميٽي ۾ شامل ٿيڻ کان معذرت امبر علي پائي

سنڌ صوبي ۾ ڳٽيل آباد علائقن جي معيار جو تعين ڪرڻ لاءِ لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ، سنڌ حڪومت پاران هڪڙي ڪيل اعلان وسيلي هڪ ڪميٽي قائم ڪرڻ بابت اعلان ڪيو ويو. ڪميٽي هيٺ ڄاڻايل ميمبرن تي مشتمل هوندي:

1	خالد اي چاچڙ اسپيشل سيڪريٽري (ايڇ ٽي پي) لوڪل گورنمينٽ ايڇ ٽي پي ڊپارٽمينٽ، سنڌ	ڪنوينر
2	مشتاق ابراهيم سومرو	سيڪريٽري/ميمبر
	ڊائريڪٽر (ايڊمنسٽريشن) ايس بي سي اي	سيڪريٽري/ميمبر
3	چيئرمين آباد، (اي بي اي ڊي)	ميمبر
4	شهري - سي بي اي	ميمبر
5	چيئرمين، پاڪستان ڪونسل آف آرڪيٽيڪٽس اينڊ ٽائون پلانرز	ميمبر
6	اختر علي ڊائريڪٽر، سنڌ ماسٽر پلان اٿارٽي	ميمبر
7	ضرورت جي مطابق مقرر ڪيل ٻيا ميمبر	ميمبر

ڪميٽي جا ٽي اوآر هيٺ ڏجن ٿا:

- ڪميٽي صوبي ۾ ڳٽيل آباد علائقن جي اعلان جي لاءِ معيار جو تعين ۽ تجويز ڪندي ۽ ستن ڏينهن ۾ اندر پنهنجون تجويزون جمع ڪرائيندي.

شهري -سي بي اي پاران بورڊ ۾ موجود ميمبر، آرڪيٽيڪٽس، ٽائون پلانرز ۽ سول سوسائٽي جي ٻين ميمبرن سان بحث ڪرڻ بعد ڪميٽي مان پنهنجو نالو واپس ورتو ۽ ڪميٽي جي پهرئين ميٽنگ، جيڪا 28 جون 2021ع تي منعقد ٿي، ۾ شرڪت نه ڪئي ان جا سبب هيٺ ڏجن ٿا:

- سال 2008ع ۾ ڪي بي سي اي پاران شهر جي صحت مند پکيڙ جي لاءِ تعميراتي سرگرمين ۽ ترقيات کي وڌائڻ جي حوالي سان ادارن جي مدد ۽ رهنمائي جي لاءِ هڪ ڪميٽي جوڙڻ لاءِ شهري جي مشهور آرڪيٽيڪٽس ۽ ٽائون پلانرز کي گهرايو ويو هو.
- ڪميٽي پاران پنهنجي هيٺ ڏنل تجويزن وسيلي ضابطن تي عمل ڪرڻ جي اهميت کي هٿي وڌائي وئي.
- هڪ نگران ڪميٽي جي قائم ڪرڻ ۽ منح ڪيل علائقن جي جوڙجڪ ۽ گڏو گڏ ڪراچي ۽ صوبي جي منصوبه بندي ۽ ترقيات جي رهنمائي ۽ اداري جي مدد لاءِ اعليٰ منصوبه بندي ۽ ترقيات جو ادارو قائم ڪرڻ جي تجويز پيش ڪئي.
- ان باوجود سنڌ اسيمبلي پاران 31 مئي 2010ع تي سنڌ ڳٽيل آباد ترقياتي بورڊ 2010ع جو بل ان کي پاس ڪيو ويو تہ" سنڌ جي شهري مرڪز ۾ ڳٽيل آباد علائقن جي مدد ۽ ترقيات کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڳٽيل آباد ترقياتي بورڊ ايڪٽ 2010ع جي تخليق لاءِ مناسب سبب موجود آهن ۽ بورڊ انهن سان لاڳاپيل معاملن جي نگراني ۽ رهنمائي مهيا ڪندي.

بورڊ ۾ اڻن ميمبرن جو تعين ڪيو ويو، جنهن ۾ ڪنهن به پيشي سان لاڳاپيل اداري، آزاد شهري منصوبي سازن يا سول سوسائٽي جي نمائندگي شامل نه هئي. 2013ع ۾ هڪ ترميم وسيلي گورنر جي بحيثيت ميمبر مقرري کي ختم ڪيو ويو ۽ ان کان پوءِ ان ۾ وڌيڪ کاب ترميم نه ڪئي وئي. ان هوندي بورڈ جي ميمبر شهري -سي بي اي ۽ ڊائريڪٽر سنڌ ماسٽر پلان اٿارٽي موجود ناهي

پر کورم جي انهيءَ کمي جي باوجود تعين کيل علاقن ۾ انفرادي پلاٽن کي بند دروازن جي پويان تبديل کيو ويو. مثال طور ان حوالي سان صدر هوشنگ روڊ، کلفٽن ۽ سول لائنز ۾ اهڙن کيترن ئي تعميراتي منصوبن جو نالو وٺي سگهجي ٿو.

- سنڌ ڳنڀيل آباد ترقياتي بورڊ ايڪٽ ڪراچي ۽ سن جي ٻين شهرن جي بهترين مفاد ۾ ڪڌهن هو نه ئي آهي.
- سنڌ ڳنڀيل آبادي ترقياتي بورڊ ڪنهن فائدي واري مقصد جي لاءِ ڪم نه ٿو ڪري، سواءِ ان جي ته اهو ريئل اسٽيٽ مافيا جي ڪجهه گروپن جي مفادن ۾ سهولت ڪاري مهيا ڪري ٿو. وڌيڪ اهو ته ان امتيازي ايڪٽ سان ڪفلٽن، سول لائنز ۾ اڪيلو پلاٽن ۽ ٻين ڪئي تعميراتي منصوبا فائدا حاصل ڪري چڪا آهن، جنهن جي قيمت شهرين کي پوڳٽي پئجي رهي آهي.
- اهو ايڪٽ ڪراچي جي مسئلن جي حل لاءِ وڏي پئماني تي منصوبه بندي کي نظر انداز ڪري ٿو. اهو شهرم وڌيڪ شهري ڳنڀيل ماحول پيدا ڪندو.
- بورڊ ۾ شهري منصوبي سازن، آرڪيٽيڪچرن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن کي شامل ناهي ڪيو ويو.
- انهيءَ ۾ ڪنهن جي نگراني کان سواءِ ڪجهه مخصوص فردن جي هٿن ۾ تمام گهڻا اختيار حوالي ڪيا ويا آهن.
- يارنهن علاقن جي اعلان کي واپس وٺڻ نهايت ضروري آهي ۽ مائي ڪولاچي ايڪسپريس وي کي انهيءَ لسٽ مان ڪڍيو ويو آهي، جاڪاڻ ته سپريم ڪورٽ پاران انهيءَ علاقي ۾ تجويز ڪيل ترقياتي ڪمن کي غير قانوني قرار ڏئي چڪي آهي ۽ ان جي اصل حالت ۾ بحالي بابت حڪم جاري ڪيا ويا آهن.
- اهو ڪراچي جي شهرين جي وڏي اڪثريت جي ضرورتن جو خيال نه ٿو ڪري ۽ نه ئي اهو سنڌ جي ٻين شهرين جي ضرورت جو خيال رکندو. اهو ناجائز تجاوزات ۽ اهم زرعي ايراضي کي تباهه ڪندو.

غور ڪرڻ وارا نقطا:

- گذريل ڏهن سالن ۾ يارنهن علاقن کي ڳنڀيل علاقن جي لسٽ ۾ شامل ڪيو ويو آهي، پر اڃان تائين انهن جي انفراسٽرڪچر ۾ بهتري وارا قدم ناهن کنيا ويا ۽ نه ئي انهن علاقن ۾ شهري سهولتن جي فراهمي کي بهتر ڪيو ويو آهي.
- هڪ خاص نوعيت جي عمارت جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي هڪ بورڊ قائم ڪرڻ لاءِ جو هڪ خاص قانون سازي ڪئي وئي ٻين قسمن جي عمارتن مثال طور: اسڪولن ۽ اسپتالن جي عمارتن جي لاءِ اهڙي قسم جو بورڊ ناهي بٽايو ويو ڳنڀيل آبادي ترقياتي بورڊ رڳو اڪيلو پلاٽن جي مالڪن، سرمائي ڪارن ۽ بلڊرز جي مفادن جي سهولتڪاري جي لاءِ قائم ڪيو ويو آهي.
- گذريل پن سالن دوران ڪاچي جي ڪيترن ئي علاقن ۾ بي رحمي واريون دخليون ڪيون ويون آهن ان هوندي اهي بي خدليون انهيءَ تباهي جي مقابلي ۾ ڪجهه به نه هوندیون، جيڪڏهن مچر ڪالوني، شرين جناح ڪالوني، سلطان آباد، ۽ ريلوي مارشلنگ يارڊ وارن علاقن جي گهٽ ماڙ عمارتن جي تعمير جي لاءِ ڪوليو وڃي.
- اسان کي اهڙي حقيقت کي مڃڻو پوندو ته انهيءَ قانوني سازي / ايڪٽ جي نيت جو بنياد نااهليت، تنگ نظري ۽ مفاد پرستي تي آهي اهو ايڪٽ آبادي جي اڪثريت جي مفادن جي بلڪل پرواهه نه ٿو ڪري ۽ نه ئي ان کي اهڙن قدمن وسيلي موسمي اثل پٽل ۽ ماحول جي تبهي ۽ ان جي اثرن سان ڪو واسطو رکي ٿو.

اسان کي چا ڪرڻ گهرجي؟

- سنڌ ڳنڀيل آبادي- ايڪٽ 2010ع کي فوري طور تي رد ڪيو وڃي ۽ شهر اندر وڏندڙ ڳنڀيل ۽ پکيڙ جي لاءِ مناسب حد جو ڪاٽو لڳائڻ جي حوالي سان هڪ خاص بحث ۽ مباحثو شروع ڪرڻ گهرجي.
- انهيءَ بحث جي نتيجي ۾ ايندڙ تجويزن کي پاليسي، منصوبه بندي ۽ اداره جاتي ضرورتن جي قائدي جي شڪل ۾ تجويزون ڪراچي ماسٽر پلان 2047ع ۾ شامل ڪيون وڃن.
- ڪمرشلائيزيشن آف روڊ پاليسي 2004ع جي سماجي، ماحوليات ۽ معيشت تي پوندڙ اثرن جو هڪ تفصيلي ڪاٽو لڳايو وڃي جيڪو ماضي جي پاليسي سازي ۾ ڪيل خامين کان پاسو ڪرڻ جي لاءِ رهنما دستاويز هجڻ گهرجي.
- ڪراچي ۾ موجود شهري سهولتن جي حالت ۽ شهري انفراسٽرڪچر جي حيثيت جو ڪاٽو لڳائڻ جي لاءِ هڪ جامع رپورٽ/ تحقيقي مطالعو تيار ڪيو وڃي ڪراچي کي مستقبل وارن مسئلن سان منهن ڏيندي ۽ موقعي مان فائدو حاصل ڪندي ئي محفوظ ڪري سگهجي ٿو ۽ مستقبل ۾ ٿيندڙ شهري پکيڙ سان منهن ڏئي سگهبو.
- اربن ريجنل اينڊ پلاننگ ايڪٽ جو مسودو تيار ڪرڻ لاءِ هڪ شراڪت داري طريقيڪار کي شروع ڪرڻ گهرجي ته جيئن منصوبه سازي جي خامين کي حل ڪري سگهجي، جنهن جي نتيجي ۾ صوبي جي مستحڪم ترقيات جي لاءِ فضا سازگار ٿي سگهي.

جيڪڏهن بااختيار ادارو ڪراچي ۽ سنڌ جي ترقيات جي لاءِ نيڪ نيتي سان تجويزن کي ذهن ۾ رکندي، زميني حقيقتن، ماحوليات ۽ موسمي تبديلي کي نظر ۾ رکندي پاليسي سازي جو فيصلو ڪيو وڃي ٿو ته شهري -سي بي اي ۽ ٻيا ماهر ڪراچي ۽ صوبي کي بهتر بٽائڻ جي لاءِ ويهي، گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندا.

منهنجي سواري ڪنهن جي ذميواري

شهري - سي بي اي جي هڪڙي تحريڪ

حوا فضل

سڪينہ ٻائي پنهنجي پيادل هلڻ واري رفتار کي تيز ڪري ٿي ٽٽل، پڳل رستي تي ان جي ٽٽل چپل انهيءَ جي رفتار ۾ رڪاوٽ بڻجي ٿي، پر گذريل ڏهن منٽن کان پيچو ڪندڙ موٽر سائيڪل جو آواز سموريون تڪليفون کي نظرانداز ڪندي تيز رفتاري برقرار رکڻ تي مجبور ڪري ٿي.

اها هر انهيءَ عورت جي روزاني واري کاٽي آهي، جيڪا ڪراچي جي رستن تي سفر ڪري ٿي ڪراچي دنيا جو ٽيون سڀ کان وڏي آبادي وارو شهر بڻجي چڪو آهي، جنهن جي آبادي ٻن ڪروڙن جي انگ کي پار ڪري چڪي آهي ۽ جيڪو پاڪستان جو معاشي مرڪز آهي، اتي عورتن کي اهڙي خوف ۽ حراس پرئي ماحول ۾ سفر ڪرڻو پوي ٿو.

سڪينہ ٻائي آخرڪار سوزوڪي ترڪ

مان هڪڙي گهريلو ملازم آهيون، مون کي روزانو هڪڙي ئي رستي تان سفر ڪرڻو پوي ٿيو مون کي روزانو بيهودھ جملا ٻڌڻا پون ٿا مثال طور: "اسان کي لفٽ بہ ڪرايو"، "ڪيڏانهن وڃين ٿي، اسان کي بہ وٺي وڃ". مون پنهنجو پاڻ کي ڊيٽ بڻائي ڇڏيو آهي جيڪڏهن مان انهن کان خوفزدھ بڻجي ڪم تي وڃڻ بند ڪيان تہ منهنجي پوڙهي ماءُ، پيءُ کي ڪير ڪمائيندو.

جي پوئين حصي تي ٽپو ڏئي چڙهي ٿي، جتي اڳ ئي ويهہ عورتون هڪ ٻئي سان گڏجي ويٺيون هيون عورتن جي "ويهون نمبر گاڏي" انهن جي روزاني سفر ڪرڻ جو اڪيلو وسيلو آهي.

فريڊرڪ نومان فائونڊيشن جي سهڪار سان شهري سي بي اي پاران ڪرايل هڪ تحقيق" صنفي عينڪ کان صنفي چرپر" جي پس منظر ۾ شهري سي بي اي پاران فريڊرڪ نومان فائونڊيشن پاڪستان جي سهڪار سان هڪڙي تحريڪ جي شروعات ڪئي.

تحقيق ۾ ميٽروپوليٽن شهر ۾ گهر کان ٻاهر نڪرڻ وارين عورتن کي گهربل مسئلن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. انهن مسئلن جي حساسيت تمام گهڻي آهي ۽ موجوده صورتحال کي بهتر بڻائڻ



مان ايذاءُ ڏيڻ وارن مختلف واقعن سان منهن ڏئي چڪي آهيان. جڏهن مان گهر کان يونيورسٽي يا ڪنهن ٻئي هنڌ لاءِ سفر ڪندي آهيان ۽ مون کي غير ضروري ۽ تڪليف پرئي انداز ۾ هٿ لڳايا ويندا آهن. پر مان روزانو عبير يا ڪريم جو خرچ برداشت نہ ٿي ڪري سگهان.

لاءِ ڇا ڪو حل ڳولي سگهجي ٿو.

تحريڪ" منهنجي سواري، ڪنهن جي ذميواري" مڪمل طور تي عورتن کي ڪراچي جي رستن ۽ گهٽين ۾ پيش ايندڙ انهن جا بيان ذاتي تجربن تي مشتمل آهن اڪثر ڪهاڻيون تڪليف پرين حادثن سان لاڳاپيل آهن عورتن کي ايذاءُ ڏيڻ وارين مختلف شڪلين سان منهن ڏيڻو پوي ٿو مثال طور: بسن جي عورتن واري حصي ۾ مردن جو سوار ٿيڻ، رستن تي بيهودن جملن ۽ آوازن جو ڪيڻ ۽ غير مردن پاران پيچو ڪرڻ وغيرھ.

اهي سمورين عورتون جيڪي پنهنجن ڪمن، اسڪولن ۽ يونيورسٽين ۾ وڃڻ لاءِ سفر ڪن ٿيون، اهي روزانو اهڙي سزا سهنديون رهن ٿيون.

هيٺ اسان ڪجهہ دستاويزي ڪهاڻيون پيش ڪري رهيا آهيون.

صبح جي وقت هميشہ مصروف هوندا آهيون ۽ بسن ۾ رش بہ وڌيڪ هوندي آهي، مون کي ڪڏهن بہ ويهڻ جي لاءِ سيٽ ناهي ملي.

بدقسمتيءَ سان عورتن اهڙي ايذاءَ واري ماحول کي پنهنجي تقدير سمجهي چڏي آهي. ايسيتائين جو اهي اهو به وساري چڪيون آهن ته کين ان تي احتجاج ڪرڻ جو کين حق حاصل آهي هڪڙو عام خيال اهو به آهي ته ”پنهنجي لاءِ وڙهڻ جو ڪوبه فائدو ناهي، مون کي اڪيلي بس وسيلي روزانو سفر ڪرڻو آهي.“

هيٺ مختلف تحقيقي مطالعن وسيلي حاصل ڪيل انگ اکر ڏنا ويا آهن، جن مان هرڪو انهيءَ ڳالهه جو متقاضي آهي ته انهيءَ مسئلي تي ڏيان ڏيڻ جي سخت ضرورت آهي ۽ ان جو حل ڳولڻ جي ضرورت آهي. جيڪا پاليسي، قانون سازي جي شڪل ۾ هجي عوام ۽ حڪومت کي اهڙي مسئلي جي نزاڪت کان آگاهه ٿيڻ گهرجي ۽ ان حوالي سان مختلف قسم جي ٽيڪنالاجي جو استعمال ڪرڻ گهرجي، جيڪو عورتن جي مدد ڪري سگهي ته جيئن روزانو سفر ڪندڙ عورتون پاڻ کي محفوظ تصور ڪري سگهن.

اسان جي انهيءَ تحريڪ جو وڏو مقصد انهيءَ مسئلي بابت بحث ڪرڻ آهي، جنهن کي ڏڪهي عرصي کان وساريو ويو آهي، چاڪاڻ ته عورتن کي انهيءَ ڳالهه جو يقين ٿي ويو آهي ته انهيءَ مسئلي بابت ڳالهه ڪرڻ جو ڪوبه فائدو ناهي.



ان حوالي سان اسان پنهنجي پٽيشن به تيار ڪري رهيا آهيون، جنهن ۾ سنڌ جي حڪمرانن ۽ پاليسي سازن سان ملڻ آهيون. پٽيشن سفارشن تي مشتمل آهي، جيڪا رستن ۽ گهٽين ۾ عورتن جي مدد ڪندي.

سفارشون

- محفوظ بس اسٽاپ قائم ڪرڻ، جتي سٺي روشني، ڪلوز سرڪٽ ٽي وي ڪيمرائون/ وائي فائي جي موجودگي، حفاظتي گشت (عورت پوليس ڪي شفٽن ۾ مقرر ڪرڻ گهرجي).
- محفوظ بس اسٽاپ کان سواءِ ڪنهن ٻي هنڌ ۽ بس ٻيهارڻ تي وڏو ڏنڊ لڳائڻ گهرجي.
- اهڙن ماڳن تي ڀاڙا قائم ڪرڻ گهرجن، جتي اهڙا واقعا جهجها ٿيندا آهن ۽ بدترين ڇيڙ خاني ڪندڙ ماڻهن تي ڏنڊ لڳائڻ گهرجي ۽ ڪين سخت نگراني هيٺ رکڻ گهرجي.
- هڪڙي موبائل ايپ تيار ڪرڻ گهرجي، جنهن وسيلي عورتون پاڻ سان ٿيندڙ ڪنهن به قسم جو ايذاءَ محسوس ٿيڻ تي شڪايت ڪري سگهن ۽ سيڪورٽي ادارن کان مدد حاصل ڪري سگهن.
- اسڪولن جي نصاب ۾ صنفي حساسيت جي موضوعن کي ضروري طور تي شامل ڪرڻ گهرجي.
- بسن ۾ عورتن جي ويهڻ جي سيٽن ۾ اضافو ڪرڻ گهرجي ۽ بسن انتظاميا کي انهيءَ ڳالهه جو پابند ٻڌائڻ گهرجي ته عورتن جي سيٽن ۽ بسن ۾ عورتن جي چڙهڻ ۽ لهڻ واري جڳهه بسن جي عقبي حصي ۾ هجڻ گهرجي ۽ عورتن کي بسن ۾ چڙهڻ لاءِ ڏاڪڻن جي اوچائي گهٽ هجڻ گهرجي. (حڪومت انهيءَ ڳالهه کي يقيني بڻائڻ لاءِ هڪڙو انتظامي ادارو قائم ڪري جيڪڏهن ڪنهن به بس ۾ اهڙيون سموريون سهولتون موجود نه هجن ته کين روٽ پرمٽ جاري نه ڪيو وڃي).

هن وقت پيش ٿي 1027 ماڻهن پاران صحيحون ڪيون ويون آهن ۽ انهن جو تعداد اڃان به وڌندو پيو وڃي عورتن جي ايذاءَ وارن واقعن بابت نيون نيون ڪهاڻيون روزانو شهري سي بي اي جي سوشل ميڊيا ويب تي اپ لوڊ ڪيون پيون وڃن.

بغير ڪنهن شڪ جي اهڙو مسئلو وڏو آهي، پر ان کي حل ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن حڪومت هڪڙي تبديلي آڻڻ لاءِ ٺوس قدم کڻڻ جو ارادو ڪري.

ڪراچي..... منهنجو خواب آهي

ڪارون ڪان مٿانهون ڪراچي

عبدالعزيز

صبح جو سائيڪل سواري وسيلي گهر واپس ايندي منهنجي آخري منزل ڪارساز جهنگ هئي مون رستي جي ڪناري تي ٺهيل سائيڪل اسٽينڊ تي پنهنجي سائيڪل بيهاري مان جهنگ ۾ داخل ٿيس ۽ مٿانهين تي چڙهڻ لڳس مون کي پنهنجي سائيڪل ڇڏيندي ٿوري ڳڻتي وٺي رهي هئي، ان باوجود مون محسوس ڪيو ته هاڻي ڪراچي ۾ هر ڪنهن وٽ هڪ سائيڪل هوندي آهي يا اهي پبلڪ ٽرانسپورٽ وسيلي سفر ڪن ٿا، ان ڪري مون کي پنهنجي سائيڪل جي باري ۾ ڳڻتي نه ڪرڻ گهرجي.

مان مقامي ۽ ديسي وٽن جي تمام گهٽن قسمن وٽن جي ڏگهين قطارن جي وچ ۾ پکين جي آواز ۽ ٺڏي هوا جي جهوٽن مان مزو وٺندو هلندو رهيس جبل جي چوٽي تي پهچي مان نِم جي وڻ جي هيٺان رکيل هڪ بئنچ تي ويٺس، مون پنهن جي فون چارجنگ تي لڳائي ۽ منظرجو اسڪيچ وٺڻ شروع ڪيو وٽن جي وچ ۾ جهاتي پائيندي مون ڪارساز جي پرئين پير ڏانهن ۽ هاڪرن جي ميڙ ڪي ڏٺو رستي جي بلڪل هيٺان مون اسٽيڊيم ڪي به ڏٺو جنهن ڪي هر مهيني جي آخر ۾ منعقد ٿيندڙ ثقافتي ميلي لاءِ نهايت خوبصورتيءَ سان تيار ڪيو پيو وڃي.

جيئن ئي مان ڪراچي جي وڏين اوچين عمارتن جو اسڪيچ مڪمل ڪيو ته مون ويجهو رهائشي عمارتن جي ڇتين تي مختلف قسمن جي سرگرمين جو جائزو ورتو ماٺهو ورزش ڪري رهيا هئا، يوگا ۾ مشغول هئا ۽ پنهنجي پوکيل سبزين جي ٻوٽن کي پاڻي ڏئي رهيا هئا پنهنجا اسڪيچ ختم ڪرڻ کان پوءِ مان واپس هلڻ شروع ڪيو وقت جي گهٽتائي کي نظر ۾ رکندي گهر وڃڻ جي لاءِ سائيڪل بدران ميٽرو وسيلي سفر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. سمورن سائيڪل سوارن لاءِ مخصوص ميٽرو جي بوگي ۾ هڪ سيٽ خالي ڪرائي ۽ پنهنجي موبائل تي پنهنجي ڪم کي مڪمل ڪرڻ لاءِ ويهي رهيس ۽ پنهنجي ڪم کي مڪمل ڪرڻ لڳس

ڪراچي عورتن جي لاءِ مثالي شهر

لائبہ ميمڻ

هڪڙي پريل بازار ۾ عورتون لائن ۾ مقامي سبزين ۽ هٿن سان تيار ٿيل دستڪارين کي وڪرو ڪري رهيون هيون وڏي عمر جون عورتون وچ رستي تي هلندي ڪاروبار جي سار سنيال ڪري رهيون هيون ۽ ان سان گڏو گڏ امن ۽ امان کي پڻ يقيني بڻائي رهيون هيون عورتون پريل پلبڪ گاڏين ۾ سفر ڪندي پنهنجي سماجي حرڪتن کان مزو وٺي رهيون هيون، جيئن هڪڙي مثالي معاشري ۾ هجن حقيقت اها آهي ته مستقبل جي ڪراچي لاءِ هڪ تصور آهي جتي عورتن جو نظام موجود هجي، جتي عورتن جي تذليل نه اوزار جي حيثيت تائين محدود رکيو ويوڪئي ويندي هجي ۽ نه ڪي ڪين هڪڙي هجي، پر ڪين معاشري جي سمورن ميمبرن جيان هڪ جهڙي عزت ڏني ويندي هجي سست خرامي واري عمل کي ڪجهه نه ڪرڻ واري عمل جي حيثيتن سان تعارف ڪرائي سگهجي ٿو پر اها به هڪڙي حقيقت آهي ته ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان عورتون لڳاتار پنهنجي لاءِ جڳهه تيار ڪري رهيون آهن اهو عوامي حقيقت کي بحال ڪرڻ جو اڪيلو رستو آهي عورتن کي گهرن کان نڪرڻو پوندو مردن جيان ٻاهر نڪري چانهن پيئڻ جو مزو وٺڻ گهرجي ۽ ڪين پنهنجي مٿان جبر ۽ حڪمن جي غلامي وارن زنجيرن کي ٽوڙي ٻاهر نڪرڻو پوندو منهنجي تصور ۾ 2050ع ۾ عورتون عوامي ماڳن تي آزاديءَ سان مزي مزي سان گهمي ڦري رهنديون هونديون، جتي ڪوبہ اهڙو شهري انفراسٽرڪچر نه هوندو جنهن ۾ رڳو مردن کي ئي گهر مان ٻاهر نڪرڻ ۽ تفريح جي اجازت هوندي جتي هڪڙي عورت رات جي وقت پنهنجي ڪليل وارن ۾ ٺڏي هوا وٺڻ لاءِ پارڪ ۾ هڪڙي بئنچ تي ويهي سگهي، جتي اها ڪڏهن به ڪنهن کي جواب ڏيڻ کان سواءِ گهر مان ٻاهر نڪري سگهندي هجي.

2050ع ۾ عورتن کي ممڪن خطرن سان منهن ڏيڻ جو حق هوندو، ڪين هڪڙي معمول جي حيثيت سان نه پر هڪڙي برابري واري شهري جي حيثيت سان تحفظ مهيا ڪيو ويندو اهڙي مثالي شهر ڪراچي ۾ رڳو عورتن کي ئي عوامي ماڳن تائين طبعي رسائي حاصل نه هوندي پر اهو انهن سيني لاءِ به هوندو، جن کي اڃان تائين معاشري ۾ مڪمل شهريت ئي ناهي ڏني وئي.

صبح ملاقات لاءِ جمع ٿيڻ جو هنڌ

فصيحہ اختر

گهٽي جي چوڏاري نم جي وڻ جي ڇانوَ هينان ويهڻ جي جڳهہ بڻجي چڪي آهي. نم جو اهڙو وڻ پنهنجي مشهور تن ٽڙن جن تي اتحاد، يقين ۽ نظر جا لفظ لکيل آهن، انهن سان گڏ لاڳاپيل مصروف بس اسٽاپ تائين پکيڙي ڇڏيا آهن ڪراچي جي افتخار جو نشان سفيد تي تلوارون هاڻي انسانيت جي فطرت سان پيار جي حيثيت کي واضع ڪن ٿيون، جيڪو نئي ڪراچي جو قسم نامو آهي.



انهيءَ وڻ جي چوڏاري سائيڪل اسٽينڊ سان گڏ پنهن جي سائيڪل بيهاري ۽ پنهنجن دوستن سان ملاقات ڪئي هاڪر اسٽاپ تي اسڪول بس جو انتظار ڪندڙ ٻارڙا وندر ڪري رهيا هئا. انهن ٻارڙن جي وچ ۾ ليڊي هاڪر جي نياڻي به هئي جيڪا ويجهو گلن جي ٽيلي کي ڏسي رهي هئي. ڪڏهن هتي غير مهذب ۽ وڳوڙ سان پريل آبادي هوندي هئي اها ٻارڙن جي وچ مان تيزي سان گذري ۽ گلن واري وٽ پهچي وئي، هوءَ مسڪرائي رهي هئي، هوءَ پنهنجي پسند وارن گلن سان تيار ٽيل گلدستو انهيءَ گلن واري ٽيلي تان ونندي آهي اهڙو منظر چوراهي جي ماحول کي هتي وڌائي ٿو تہ هتي طبقاتي فرق يا ماضي جي ناانصافي جو ڪوبہ تصور موجود ناهي اهو هِن شهر جو خوبصورت چهرو آهي، جيڪو ڪڏهن اڻ گڻين اختلافن ۽ جهگڙن جو ڳڙهہ رهيو هو.

کيرٿر سفاري

ماها شيخ

انهيءَ سموري منظر نامي ۾ پنهنجي سامان سان پريل بيگ سان گڏ مان گهٽي فاصلي تي حيدرآباد جي اوچين عمارتن جي جبلن کي اپرندي ڏٺو صبح جي سج جي روشني ۾ متي جا فليٽ چمڪي رهيا هئا. مون ڪانءَ جي کان کان ٻڌي ۽ ٻيا پکي پڻ عجيب آواز ڪڍي رهيا هئا. صبح جي روشني ۾ گدڙن جي پونکڻ، سنڌي وود پيڪرن جي ٽڪ ٽڪ، ٻين پکين جا آواز ۽ شينهن جي بکايل ٻچن جي آوازن سان اسان جي اک ڪلي اسان کيرٿر جهنگلي جانورن جي ٻرن ۾ بانسن ۽ ٻيهر سان تيار ٽيل هڪ ماحول دوست لان ۾ لسي جو مزو وٺي رهيا هئاسين.

سائي چتين وارو اهو لفافي وارو ماحول دوست سياحتي گوٺ کي ڇَتي مهيا ڪري ٿو. جنهن کي سجاول ۽ جهمپير جي پون فارمن وسيلي توانائي مهيا ڪئي وڃي ٿي.

ماحول دوست ماڳ مقامي ۽ ديسي وڻڻ جي واڌ ويجهہ کي ٿا. مقامي فروٽ جي واڌ ويجهہ ۾ اضافو ڪندي هڪ ويران علاقي کي سرسبز ۽ شاداب جهنگ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي.

ماحول ۾ تازي هوا ۽ خوشبوءِ جو واس ونندي مختلف جانورن ۽ پکين جو شور ٻڌندي اسان پارڪ جي مٿانهين تي چڙهياسين اسان درياهي گهوڙن جي هڪ ميڙ جي درياهہ ۾ وهنجندي تصويرون ڪڍيون ۽ اسان ٻين مختلف جانورن مثال طور زيبرا، سنڌي مارخور ۽ هرڻن جون تصويرون پڻ ڪڍيون ڪجهہ ڪلوميٽر اڳتي جام شورو جي مشهور درياهہ جو پلو مچي پڻ پڪڙي سگهون ٿا. مقامي ماحول دوست گوٺ جي اوطاقن تي ديسي ۽ مقامي طريقي ڪار تي عمل ڪندي تيار ڪيا ويا آهن اها ڳالهہ يقيني طور تي صحيح آهي تہ مقامي ثقافت جا طور طريقا شاندار ترقي پسند مستقبل جو ضامن ثابت ٿيندا.

جنوري کان جون 2021ع -خبرن تي هڪڙي سرسري نظر

سپريم ڪورٽ ڪيس سي پي 2010-09 ۾ اڳيرائي

8/اپريل 2021ع

- ڪدني هل (سي ايم اي K/2020-714ء 424-K/2021
- سي ايم اي K/2020-714 جي پڌڻي 8 اپريل 2021 تي ٿي، جنهن ۾ معزز عدالت پاران ڪمشنر ڪراچي کي ڪدني هل پارڪ تان سمورين حد دخلين کي هٽائڻ جو حڪم ڏنو. سينئير ايڊووڪيٽ ڪمال اظفر شهرين پاران پٽيشن سي ايم اي K/2021-424 داخل ڪئي، جنهن ۾ گذارش ڪئي وئي ته ڪمشنر ڪراچي ۽ ڪي ايم سي ڪدني هل پارڪ سان ڳنڍيل گهرن جي گيٽ هٽائڻ لاءِ عدالتي حڪم تي عمل نه ڪري رهيا آهن، ان ڪري انهن جي خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي معزز عدالت پاران پٽيشن کي منظور ڪندي ڪمشنر ڪراچي کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو ۽ شهري جي امبر علي پائي کي ايندڙ پيشي جي تاريخ تي گهرايو.
سي ايم 424/2021 (ڪدني هل پارڪ) واري معاملي ۾ معزز عدالت پاران جاري ڪيل نوٽيس جي جواب ۾ شهري -سي بي اي رپورٽ نمبر K/2021 - 35 سپريم ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي.
- هل پارڪ (سي ايم اي K/2020-145 ۽ سي ايم اي K/2020-147
معزز عدالت پاران هل پارڪ تان حددخلين هٽائڻ جي خلاف لاڳاپيل ڏرپاران داخل ڪيل نظرثاني واري پٽيشن رد ڪري ڇڏي.

14 جون کان 18 جون 2021ع

ڪيس جي پڌڻي دوران سپريم ڪورٽ پاران آبزرويشن ڏني وئي ته جيڪڏهن ڪوبه شخص غيرقانوني طور تي ڪنهن ايراضي تي هڪ سئو سالن تائين به قابض رهيو هجي ته به ان جي ايراضي تي اهڙي قبضي کي قانوني قرار نه ٿو ڏئي سگهجي.

- ڪدني هل پارڪ (CRL.O.P.8-K OF 2021)
بئنچ پاران ڪمشنر ڪراچي کي حڪم ڏنو ويو ته ڪدني هل پارڪ تان حددخلين چاهي اهي کهڙيون به هجن، ان کي هٽائڻ جي حڪم جي حوالي سان ان تي عملدآمد / نافذ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ ڪدني هل پارڪ کي ان جي اصل شڪل ۾ بحال ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

- سي او ايم ايم -(سي ايم اي K/2020-86 ۽ سي ايم اي K/2020-711)
سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري ۾ 16 جون 2021 تي ڪيس جي پڌڻي ٿي. پڌڻي دوران امبر علي پائي پاران سپريم ڪورٽ ۾ ڪهڪشان اسڪيم 5، ڪلفٽن ڪراچي جو هڪ پرانو کي ڊي اي جو نقشو (1972) پيش ڪيو.
معزز عدالت پاران ڊائريڪٽر جنرل کي ڊي اي ۽ شهري کي اسڪيم ۽ پلاٽن سان لاڳاپيل مڪمل رپورٽ تيار ڪرڻ جو حڪم ڏنو.
سپريم ڪورٽ پاران بلاڪ 6 ۾ موجود ضياءُ الدين اسپتال ۽ سائوٿ سٽي اسپتال، ڪلفٽن کي پلاٽي وارن مقصدن لاءِ مخصوص ايراضي تي پنهنجي طبي سهولتون جي فراهمي جاري رکڻ تي گهرائڻ وارا نوٽيس جاري ڪيا.

- نسلا تاور (پلاٽ نمبر A-193، ايس ايم سي ايچ ايس)، (سي ايم اي نمبر K/2021-625 ۽ سي ايم اي نمبر K/2021-576)

سپريم ڪورٽ پاران ڪمشنر ڪراچي کي پندرنهن ماڙ عمارت نالي نسلا تاور کي ڊاهڻ جو حڪم ڏنو. چاکاڻ ته بلڊر پاران ڏيلي سڙڪ جيلاءِ مخصوص ڪيل 400 چورس گز ايراضي تي ناجائز قبضو ڪيو ۽ ان کي پنهنجي تعمير ۾ شامل ڪيو. معزز عدالت پاران بلڊر کي حڪم ڏنو ويو ته اهو فليٽن جي مالڪن کي سندن رقم واپس ڪري.

- پولين اينڊ ڪلب/الہ دين پارڪ (سي ايم اي K/2021-689)
عدالت پاران مقامي انتظاميا کي حڪم ڏنو ويو ته اها پولين اينڊ ڪلب کي هٽائي ۽ الہ دين اميوزمينٽ پارڪ جي حدن ۾ جاري تجارتي سرگرمين کي ختم ڪري.

- کي ڊي اي آفيسرز ڪلب (کي ايم سي اسپورٽس ڪلب)، (سي ايم اي نمبر: K/2018-229)
معزز عدالت عظميٰ پاران ايڈمنسٽريٽر کي ايم سي کي ڪشمير روڊ تي موجود کي ايم سي پلي گرائونڈ ۽ ٽان هر قسم جي عمارتن ۽ تعميراتي سامان کان پاڪ ۽ صاف ڪرڻ جو حڪم ڏنو. پلي گرائونڈ کان سوئمنگ پول ۽ ٽينس ڪورٽس کان سواءِ سمورين تعميرات هٽايو وڃي.

جنوري کان 2021ع دوران منعقد ٿيل سماجي سرگرميون

ٻوٽن جي وٽڪاري

نمبر	سرگرمي	تاريخ	هنڌ
1	ٻوٽن جي وٽڪاري	6 فيبروري 2021ع	مزار قائد
2	ٻوٽن جي وٽڪاري	6 فيبروري 2021ع	مزار قائد
3	ٻوٽن جي وٽڪاري	29 اپريل 2021ع	بن قاسم

فريڊرڪ نومان فائونڊيشن پاڪستان جي سهڪار سان شهري سي بي اي جون سرگرميون

1 - آگاهي سيشن" سنڌ ۾ مذهبي اقليتن جي عورتن جي خودمختياري ۾ تعليم ۽ تربيت وسيلي بهتري"

نمبر	تاريخ	شهر/ هنڌ	مقصد/حدف
1	20 فيبروري 2021ع	نيوريوال چرچ، لعل آباد ابراهيم حيدري، ڪراچي	نيوريوال چرچ، لعل آباد ابراهيم حيدري، ڪراچي 1. پاڪستان ۾ عورتن جا حق 2. سنڌ بارڻن جي شادي تي پابندي ايڪٽ 3. سنڌ هندو شادي ايڪٽ 4. ملڪيت ۽ وراثتي حق وغيرهه 5. ب فارم، فيملي رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ (ايف آر سي) ۽ ميرج رجسٽريشن جي اهميت
2	13 مارچ 2021ع	نيوريوال چرچ، لعل آباد ابراهيم حيدري، ڪراچي	
3	6 اپريل 2021ع	ايس آر او گيسٽ هائوس، ٺٽو	
4	22 مئي 2021ع	ٽنڊو الهيار	
5	28 مئي 2021ع	جيڪب آباد ڪميونٽي ڊولپمينٽ سينٽر، حيدرآباد	
6	29 مئي 2021ع	ڪميونٽي سينٽر، ڳوٺ ميرپورخاص	
7	5 جون 2021ع	پريس ڪلب، بدين	
8	12 جون 2021ع	بيچ لگزري هوٽل، ڪراچي	
9	26 جون 2021ع	شانتي نگر وليج، ٽنڊو الهيار	

2. "سنڌ حق معلومات قانون" تي شهري ماهرن ۽ حڪومت جي آفيسرن جي مهارت ۾ اضافي جو تربيتي پروگرام

نمبر	تاريخ	شهر/هنڌ	مقصد/ حدف
1	24 فيبروري 2021ع	ڪراچي	1. سنڌ شفافيت ۽ حق معلومات ايڪٽ 2016 جو ادراڪ 2. شهرين جي گروپن کي پنهنجون ڳڻتيون دور ڪرڻ لاءِ حق معلومات قانون جي استعمال جي مهارت ۾ اضافو ڪرڻ. 3. حڪومت جي آفيسرن جي مهارت ۾ اضافو ڪرڻ تہ ڪيئن حق معلومات قانون تحت ڏنل درخواستن جو جواب ڏنو وڃي.
2	27 فيبروري 2021ع	ميرپور خاص	
3	19 مارچ 2021ع	شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور (حڪومتي آفيسر)	

4	20مارچ 2021ع	ريجنل آفيس، پلاننگ ڊپارٽمينٽ سکر (حڪومتي آفيسر)	4. حق معلومات قانون جي تحت ڏنل درخواست ڪيئن تيار ڪجي
5	13اپريل 2021ع	انڊس هوٽل، حيدرآباد (شهرين جو گروپ)	
6	10اپريل 2021ع	تندو الهيار	
7	19اپريل 2021ع	ڪيريٽاس پاڪستان آفيس، حيدرآباد	

3 . پبلڪ پاليسي سازي ۾ سهڪار جي لاءِ قانون سازن سان رابطو ۽ ڳالهه ٻولهه

نمبر	تاريخ	شهر/ هنڌ	مقصد/ حدف
1	30مارچ 2021ع	ميريٽ هوٽل، ڪراچي	1. پاليسي سازي ۾ گهربل تڪليفن تي بحث ڪرڻ لاءِ صوبائي قانون سازن سان رابطو ۽ ڳالهه ٻولهه ته ڪيئن پبلڪ پاليسي جي طريقي ڪار کي بهتر ۽ عوامي پلاڻي ڪي يقيني بڻائي سگهجي

ڪتابن جي ڇپائي

2020ع ۾ شهري سي بي اي پاران عورتن جي مسئلن ۽ شهري ڊيزائن جي موضوعن تي ٽي ڪتاب شايع ڪيا ويا.

1. صنفي عينڪ کان حرڪت پذيري. تحقيقي مطالعو ڪراچي
2. پاڪستان ۾ مذهبي اقليتون ۽ صنفي متن
3. مستقبل جو شهر - ڪووڊ 19/وبا کان سبق

تعزيت جو اظهار

شهري سي بي اي جي انتظامي ڪميٽي مشهور مصنف ۽ صحافي ش فرخ جي خاندان سان دلي همدردي جو اظهار ڪندي تعزيت ڪئي وئي. محترم ش فرخ 17 جون 2021ع تي هن فاني جهان کي الوداع ڪيو. اها 1994ع کان 2021ع تائين شهري نيوز ليٽر (اردو) جي ايڊيٽر هئي. صحافي جي حيثيت ۾ هن نهايت حوصلي ۽ ارادي تحت پنهن جا فرض ادا ڪيا. الله تعاليٰ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا فرمائي. آمين

شهري - سي بي اي بهتر ماحول لاءِ

تعزيت جو اظهار

شهري سي بي اي جي انتظاميا ۽ ميمبر مرحوم اختر مرزا جي خاندان سان دلي طور تي تعزيت جو اظهار ڪيون ٿا. مرحوم اختر مرزا 1997ع کان شهري سي بي اي سان لاڳاپيل رهيو. هو شهري جي ڪمن ۾ تمام گهڻو مددگار ۽ حامي رهيو. شهري جي لاءِ سندس خدمتن کي هميشه لاءِ ياد رکيو ويندو. الله تعاليٰ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا فرمائي. آمين.

شهري - سي بي اي بهتر ماحول لاءِ

"Building Capacity of Citizen stakeholder on Sindh Right to Information Law" held on 24/02/2021 at Baptist Church, Pahar Gunj, Karachi.

"Building Capacity of Citizen stakeholder on Sindh Right to Information Law" held on 03/04/2021 at Indus Hotel, Hyderabad

"Engagement with Legislators for Participatory Public Policy Making and Dialogue" held on 30-03-2021 at Marriott Hotel, Karachi

"Engagement with Legislators for Participatory Public Policy Making and Dialogue" held on 30-03-2021 at Marriott Hotel, Karachi

Awareness Session "Improving Gender Empowerment of religious minorities through education and capacity building, in Sindh" held on 20/02/2021 at New Revival Church, Lalabad, Ibrahim Haidri, Karachi

Awareness Session "Improving Gender Empowerment of religious minorities through education and capacity building, in Sindh" held on 06/04/2021 at SRO Guest House, Thatta

Awareness Session "Improving Gender Empowerment of religious minorities through education and capacity building, in Sindh" held on 05/06/2021 at Aiwan-e-Sahafat, Badin

Awareness Session "Improving Gender Empowerment of religious minorities through education and capacity building, in Sindh" held on 28/05/2021 at Jacob Development Community Centre, Hyderabad

Mrs. Amra Javed (Executive Member, Shehri) sharing Shehri tree plantation drive to First Lady Mrs. Samina Alavi

"First Lady Ms. Samina Alvi planting tree at Mazar-e-Quaid on 16th February 2021

"Ms. Rukhsana Naveed, Parliamentary Secretary Climate Change (GoP), planting tree at Bagh-e-Ibn Qasim on 29th April 2021

"Ms. Rukhsana Naveed, Parliamentary Secretary Climate Change (GoP), planting tree at Bagh-e-Ibn Qasim on 29th April 2021

Awareness Session "Improving Gender Empowerment of religious minorities through education and capacity building, in Sindh" held on 22/05/2021 at Tando Allahyar

Building Capacity of Citizen Stakeholders and Government Officials on Sindh Right to Information Law" held on 19th June 2021 at Hyderabad

"Building Capacity of Government officials on Sindh Right to Information Law" held on 19/03/2021 at Shah Abdul Latif University, Khairpur

"Building Capacity of Government officials on Sindh Right to Information Law" held on 20/03/2021 at Sukkur

شهري - سي بي اي جي ڪتابن جو مختصر جائزو



2020ع واري سال ۾ شهري -سي بي اي پاران پنهنجا ٽي ڪتاب شايع ڪا ويا آهن. انهن ۾ صنف ۽ شهري ڊيزائن بابت مسئلن جو جائزو ورتو ويو هو. **"صنف جي عينڪ کان حرڪت پذيري - ڪيس اسٽيڊي ڪراچي"** جي عنوان سان شايع ٿيل ڪتاب جو نچوڙ صنفي چرپر هو جنهن ۾ ان بابت تجزيو ڪيو ويو هو ته حرڪت پذيري سان لاڳاپيل عورتن سان پيش ايندڙ مسئلن ۽ انهن جي سفر ڪرڻ جا طريقا مدرن جي طريقن کان ڪهڙي طرح سان مختلف آهن. جنهن ۾ سموري حرڪت پذيري ۽ منصوبہ بندي کي ڪتب آڻڻ لاءِ صنفي احساسن کي هٿي وٺرائي وئي هئي پاڪستان جي شهري مرڪزن ۾ موضوع تي تحقيقي ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي ۽ ان کي دستاويزي شڪل ڏني وئي آهي شروعاتي تحقيقي مطالعي جي تجزياتي جائزي جو شروعاتي مواد تجويزون جي سيٽ جي صورت ۾ ترتيب ڏو ويو آهي ته جيئن ڪراچي شهر ۾ صنفي حرڪت پذيري ۽ سفر ڪرڻ وارين سهولتن کي بهتر بڻائي سگهجي.



" پاڪستان ۾ مذهبي اقليتون ۽ صنفي متن" ڪتابڙي ۾ لاڳاپيل قومي قانون سازي اداره جاتي فريم ورڪ کي دستاويزي شڪل ڏني وئي آهي، جيڪا مذهبي اقليتن خاص ڪري عورتن جي مفادن جي حفاظتي معاملن جي نگراني ڪري ٿو. ان سان گڏو گڏ ان ۾ موجود خامين جي نشاندهي ڪئي وئي آهي، جن کي لاڳاپيل ماهرن جي صلاح مصلحت کان پوءِ دستاويزي شڪل ڏني وئي آهي هڪ پاليسي دستاويز تيار ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ سڌارن جي سفارش ڪئي وئي آهي.



" مستقبل جي شهر -ڪووڊ 19/وبا کان سبق" نالي ڪتابڙي ۾ انهن سموري معاملن کي دستاويزي شڪل ڏني وئي آهي ته ڪيئن ڪنهن وبا جي ڦهلاءَ جي صورت ۾ شهري ڊيزائن ۽ چرپر کي جاري رکڻ سان لاڳاپيل پاليسيون ۽ عملي قدم کنيا وڃن ۽ ان ڳالهه تي مڪمل بحث ڪيو ويو ته انهن تبديلين جي ڏکڻي مدي وارا اثر پوڻ گهرجن انهيءَ سموري عمل کي ڪراچي جي سياق ۽ سباق ۾ ڏنو ويو آهي. ان سلسلي ۾ لاڳاپيل ماهرن سان صلاح مشورو ڪيو ويو. عوامي ماڳن جي ڊيزائن، حرڪت پذيري ۽ چرپر ۽ رهائشي تعميرات سان لاڳاپيل سفارشون تيار ڪيون ويون آه نته جيئن ڪراچي شهر کي ڪنهن وبا جي صورت ۾ ڪيئن وڌيڪ قابل رهائش بڻائي سگهجي ٿو.

شهري ۔ بهتر ماحول لاءِ شهري

تعارف

شهري ۔ سي بي اي (شهري بهتر ماحول لاءِ شهري) ڪراچي ۾ قائم هڪ رضاڪاراڻ تائيدي گروهه آهي جنهن کي حساس ۽ همدرد شهرين 1988ع ۾ قدرتي ماحول جي تباهي ۽ ڪيس ويهر تعمير ڪرڻ جي متعلق پنهنجا خدشا اجاگر ڪرڻ لاءِ قائم ڪيو هو.

شهري غير قانوني تعميرات، درجه بندي جي خلاف ورزين ۽ ان سان لاڳاپيل علامتون مثال طور گندي پاڻي جي نيڪالي، ناجائز اڏاوتن، پارڪنگ ۽ انفرااسٽرڪچر سان نمٽڻ تي خصوصي زور ڏئي ٿو. شهري-سي بي اي باقاعده ادارن ۽ حڪومتي ايجنسين جي نگراني ڪري ٿو ۽ سول سوسائٽي جي ائين ئي ڪرڻ لاءِ حوصلہ افزائي ڪري ٿو.

ڪاميابيون

سنڌ سينئر سٽيزن ويلفيئر بل 2014 جي منظوري، ڪلفٽن روڊ جا اعلان ڪيل روڊ ويڪرا ڪرڻ جي جڳهه تي گلاس ٽاور جي غير قانوني اڏاوتن جو انهدام.

منگهوپير روڊ تي گڙ باغيچي جي 680 ايڪڙ ايراضي جو تحفظ. هي لياري جي گهٽ آمدني واري گنجان آباد علاقي جي جنهن ۾ تقريبن 10 لک ماڻهو رهائش پزير آهن سيني کان وڏي کلي تفريحي جڳهه آهي.

ڪراچي ڪو-آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي يونين ۾ ڪدني هل پارڪ جي 62 ايڪڙ ايراضي بشمول ڪي ڊبليو ايس بي جي اعلان ڪيل تنصيبات جي 18 ايڪڙ ايراضي جو تحفظ.

ڪراچي بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (ڪي بي سي اي) جي نگران ڪميٽي ۽ هڪ عوامي معلوماتي ڪائونٽر جو قيام.

ڪراچي ۽ سنڌ ۾ ڪراچي ٽرانسپورٽ ڪارپوريشن جي 11 ۽ سنڌ روڊ ٽرانسپورٽ ڪارپوريشن جي 15 بس ڊپوئن جي ڪمرشلائزيشن ۽ وڪري کي روڪرائڻ. اڄ ڪلهه هي پلاٽ سٽي ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ ڪراچي بين الشهر بسن جي اڈن ۽ ٽرانسپورٽ سان لاڳاپيل بين سرگرمين لاءِ استعمال ڪري رهي آهي.

لائنز ايريا ڪراچي ۾ راند جا ميدان (ميڪرو) ويب گرائونڊ جو تحفظ.

باغ ابن قاسم ڪلفٽن جي رفاهي پلاٽ ۾ ڪوستالينا اپارٽمينٽ جي ڊانچي کي ڊاهڻ. سٽي ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ ڪراچي هاڻ هتي هڪ پارڪ بٽائي ڇڏيو آهي.

لاهور ۾ ڊونگي گرائونڊ پارڪ/راند جي ميدان جي ڪمرشلائزيشن جي روڪٿام.

لاهور بچاءُ تحريڪ جي هڪ حصي طور تي ڪينال بينڪ توسيع منصوبي سان ٽيڻ واري نقصان جي مقدار کي گهٽ ڪرڻ.

ڪوئٽه ۾ زلزلي جي جهٽڪي کان بچاءُ جي تعميراتي قانون جي ويهر توثيق.

شهري-پوليس گڏيل عمل ۾ شرڪت، انساني حقن جي خلاف ورزين ۽ پوليس اصلاحن تي سموري پاڪستان مان تقريبن 1600 پوليس اهلڪارن جي تربيت.

گذريل سالن ۾ مسلسل ماحولياتي خلاف ورزين سان لاڳاپيل مقدمن ۾ شهري جي ماهراڻه خدمتن کي اعليٰ عدالتن تسليم ڪيو آهي ۽ اُن کي (aimicus curiae) "عدالت جو دوست" جي خطاب سان نوازيو آهي.

هدف/مقصد

هڪ آگاهه ۽ باعمل سول سوسائٽي، سٹي حڪمراڻي، شفافيت ۽ قانون جي حڪمراني جو قيام.

سرڪاري پاليسين جي اثر ۽ انهن تي تحقيق، دستاويزي بنائڻ ۽ مڪالمہ ڪرڻ کي واڌارو ڏيڻ.

هڪ موثر ۽ نمائنده مقامي حڪومت جي نظام کي مستحڪم ڪرڻ.

ڪراچي شهر لاءِ هڪ نمائنده ماسٽر پلان/زوننگ پلان جي تياري ۽ انهن تي موثر عملدرآمد.

معاشري ۾ بنيادي انساني حقن جي پابندي.

شهري ڪيئن ڪم ڪري ٿو؟

هڪ رضاڪاراڻ انتظامي ڪميٽي جنهن کي جنرل باڊي ذريعي هڪ ٻ سالہ مدي لاءِ چونڊيو ويندو آهي، جيڪو ڪليل ۽ جمهوري اصولن تي انتظامي ڪمن کي انجام ڏيئي ٿي. رڪنيت (ميمبرشپ) هر خاص ۽ عام لاءِ ڪليل آهن جيڪي شهري جي هدفن ۽ اغراض ۽ مقصدن ۽ يادداشت (ميمورينڊم) سان متفق آهن.

شهري لاءِ رضاڪارن جي ضرورت آهي

شهري جا مختلف منصوبا هيٺ ڏنل ڇهه ذيلي ڪميٽين جي وساطت سان هلايا وڃن ٿا.

- قانوني معاملا/ڪم
- ميڊيا ۽ ٻاهريان رابطا
- ڏهه لک وٽن جي وٽڪاري مهم
- ثقافتي ورثي جو تحفظ ۽ بحالي
- مالي حصول
- اسلحي کان پاڪ معاشرو

شهري جي ميمبرشپ:

2021ع لاءِ پنهنجي ميمبرشپ جي تجديد ڪرائڻ نه وسارجو.

"شهري-سي بي اِي" ۾ شرڪت ڪريو ۽ هڪ سٹي شهري طور هن شهر کي صاف رکڻ، صحت بخش ۽ ماحول دوست ماڳ بنائڻ لاءِ جدوجهد ڪريو

شهري ۾ شامل ٿي وجو

هڪ بهتر ماحول بٽائڻ لاءِ

مبلغ -/2000 روپيہ جي ڪراس چيڪ تحت

(سالانہ ميمبرشپ فيس)

نالي: شهري-سي بي اِي

پاسپورٽ سائز فوٽو سان گڏ

هنڌ: R-88 بلاڪ 2، پي اي سي ايچ ايس، ڪراچي-75400

ٽيليفون/فيڪس: 92-21-3453-0646

نالو: _____

ٽيليفون (گهر) _____

ٽيليفون (آفيس) _____

هنڌ: _____

پيشو _____